
(وايون)
منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي
علي محمد 'درد' سولنگي

# منھنجي سنڌ لُڙھي ويئي

(وايون)

## علي محمد ’درد‘ سولنگي

2022ع
ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

ڪتاب: 167

حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ

ڪتاب : منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي
موضوع : وايون
شاعر : علي محمد ’درد‘ سولنگي
ڪمپوزنگ : سعيد مرتضيٰ
ٽائيل لي آئوٽ : زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڇاپو : پهريون
مهينو، سال : ڊسمبر، 2022ع
ڇپائيندڙ : مرڪ پبلڪيشن ڪراچي
مُلهه : 400 رپيا

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
www.sindhsalamat.com

Published By: Murk Publication Karachi
Room No:305 /320 3rd Floor Sabir Manzil
Behind Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
**murtazalaghari64@gmail.com**
021-32772494
03005182494

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

مرڪ ڪتاب گهر ڪراچي، ٿامس ڪتاب گهر ڪراچي،
ڪنول ڪتاب گهر حيدرآباد، دانيال ڪتاب حيدرآباد،
سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد، سرمست ڪتاب گهر حيدرآباد،
مدني ڪتاب گهر دادو، موکي ڪتاب گهر مورو
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، سليمان ڪتاب گهر نواب شاهه،
مرتضيٰ ڪتاب گهر شڪارپور، عوامي ڪتاب گهر جيڪب آباد

# ارپنا

دادو، جوهي ۽ ميهڙ سميت
سنڌ جي انهن سيني سُورمنِ ۽ سورميُنِ
صحافين، سياسي. سماجي ڪارڪنن، قلمڪارن
۽
شهرين جي نانءِ
جن جدوجهد ڪري
پنهنجي همت، حوصلي ۽ جوان مرديءَ سان
ڏينهن رات هڪ ڪري
پنهنجن شهرن ۽ ڳوٺن کي ٻُڏڻ کان بچايو.
گڏو گڏ ٻُڏي آيلن جي سهائتا ۾ پڻ
ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميا ري شاعر ۽ نثر نگار علي محمد ”درد“ سولنگيءَ جي وأين جو مجموعو ”منهنجي سنڌ لڙهي ويئي“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

علي محمد درد سولنگيءَ جو هي تيرهون ڪتاب آهي، ۽ انفراديت اها اٿس تہ هن پيري هِن شاعريءَ جي ڪلاسيڪل صنف وائيءَ تي لکڻ جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي. هن سڄي ڪتاب جو موضوع سنڌ ۾ آيل 2022ع واري برساتي ٻوڏ آهي. برسات قدرتي يا مصنوعي، پر سنڌ ڌرتيءَ تي سُڪار بدران آفت بڻجي ڪڙڪي. علي محمد درد سولنگي پنهنجي شاعريءَ ذريعي واڳ ڌڻين ۽ ظالمن جي پت تہ وائکي ڪئي آهي پر مظلوم ماروئڙن سان همدرديءَ جو اظهار بہ ڪيو اٿس! هڪڙي قلم ڌڻيءَ جي اها ئي ذميواري آهي تہ هو سماجي مسئلن کي آواز ڏيئي ايوانن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري، درد سولنگي اهڙين ڪوشش ۾ ڪامياب نظر اچي ٿو.

هي ڪتاب مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران 2022ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون ”علي محمد درد“ سولنگي ۽ مرتضيٰ لغاريءَ جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سڻاءُ


- پبلشر نوٽ: مرتضيٰ لغاري 07
- جيون سفر درد جو (مهاڳ) رضا لانگاهه 08
- منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي خوشبو بلوچ 20
- شاعري جي آئيني ۾ زندگي جا عڪس فهميده شرف بلوچ 27
- هيءَ فقط شاعري ناهي... صبا شاهه 32
- سونُ ورنِين سِٽن جي وَرڪا ڪونج بلوچ 35
- ڪيڏاري جي ڪَربَ جهڙي شاعري نجم سُرهيو 37
- فيس بوڪ فرينڊ امين زرداري 39
- سنڌ ۾ سماج جو درد رکندڙ ”شاعر“ محبتي ملاح 43
- ڏاهو ڏات ڏٽي رضوان ڪابورو 45
- ڇا لکي ڇا لکان...!؟ (پنهنجي پاران) علي محمد ”درد“ سولنگي 48
- ادب جو متحرڪ نانءُ عمران سومرو 51
- وايون 53

## پبلشر نوٽ:

علي محمد ”درد“ سولنگي هڪڙي هنڌ لکيو هو: ”هي منهنجو ’ٻارهو‘ آهي.“ اُنهن ڏينهن ۾ سندس ٻارهون ڪتاب ڇپائي هيٺ هو. پر مان سمجهان ٿو ته جيئرن جا ٻارها نه ٿيندا آهن. ادب ۽ آرٽ سان لاڳاپيل ماڻهو اوستائين جيئرا رهندا جيستائين هي جهان آهي.

علي محمد درد سولنگيءَ جو هي تيرهون ڪتاب آهي، ۽ انفراديت اها به ته هن پيري هِن شاعريءَ جي ڪلاسيڪل صنف وائيءَ تي لکڻ جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي. هن سڄي ڪتاب جو موضوع سنڌ ۾ آيل 2022ع واري برساتي ٻوڏ آهي. برسات قدرتي يا مصنوعي، پر سنڌ ڌرتيءَ تي سُڪار بدران آفت بڻجي ڪڙڪي. علي محمد سولنگي اهو بحث نه ڪيو آهي، هن برساتي ٻوڏ دوران ڪيهون/ڪوڪون ٻڌيون، ماروئڙن جا اهنج ڏٺا ته خاموش رهي نه سگهيو، مجبور ماڻهن سان وس وارن ۽ واڳ ڌڻين جون ناانصافيون، مجرماڻيون غفلتون قلم ذريعي وائيون ڪيون اٿس.

علي محمد درد سولنگي پنهنجي شاعري ذريعي واڳ ڌڻين ۽ ظالمن جي پٽ ته وائڪي ڪئي آهي پر مظلوم ماروئڙن سان همدرديءَ جو اظهار به ڪيو اٿس! هڪڙي قلم ڌڻيءَ جي اها ئي ذميواري آهي ته هو سماجي مسئلن کي آواز ڏيئي ايوانن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري، درد سولنگي اهڙين ڪوشش ۾ ڪامياب نظر اچي ٿو.

مرڪ پبليڪيشن ڪراچيءَ طرفان علي محمد درد سولنگيءَ جو ٽيون ڪتاب آهي. اسان کي خوشي ان ڳالهه جي به آهي ته ادب دوست ۽ قلم ڌڻين ۾ اداري جي مقبوليت وڌي رهي آهي. درد سولنگيءَ جو ٻوڏ تي لکيل وايون ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن جي هٿن ۾ ڏيندي اميد رکون ٿا ته پنهنجي قيمتي راءِ کان آگاهه ضرور ڪندا.

مهاڳ:

## جيون سفر درد جو

ٻه هزار ڏهه جي مها ٻوڏ کان پوءِ ٻه هزار ٻارهن ۾ مون پهريون مهاڳ پنهنجي پياري دوست شاعر ۽ نثر نويس محبتي ملاح جي شاعريءَ جي ڪتاب: ”تُنهنجي خوشبو آئي هوا مان“ جو لکيو هو. انهيءَ مهاڳ کان پوءِ مخلتف شهرن مان شاعرن ۽ اديب دوستن پنهنجون لکڻيون موڪلي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو هو. مسلسل مهاڳ لکڻ جي ڪري، شاعريءَ جي نخريلي ديوي رُسي ايترو ڏور هلي وئي آهي، جو هن وقت تائين ڳولڻ جي باوجود ٻه نظر نہ ٿي اچي. محسوس ائين ٿي رهيو آهي تہ، جڻ آئون شاعر ئي ناهيان، جَڏهن تہ مان بنيادي طور تي شاعر آهيان، نثر نويس پوءِ، جيستائين شاعريءَ جي ديوي پنهنجي آغوش ۾ ٻيهر آڻي، تيستائين نثر جي ديويءَ سان ئي دل وندرائي رهيو آهيان.

اهو سچ آهي، تہ، مهاڳ لکڻ انتهائي اوکو ڪم آهي. جتي صحيح ۽ خوبصورت مهاڳ لکجي رهيا آهن. اُتي ڪمزور مهاڳ پڻ اڻپوري صورت ۾ ملن ٿا. گڏوگڏ مبالغہ آرائي ٻہ جهجهي انداز ۾ موجود آهي، جيڪا دوستيءَ جي دائري سان تعلق رکي ٿي، تنهن ڪري دوستيءَ جو نياءُ ٻہ ٿي رهيو آهي، تہ ايمانداريءَ جو نياءُ ٻہ نظر اچي ٿو. دوستي نيائڻ وارو سلسلو ڪڏهن بند ٿيندو، ان لاءِ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي؟ ٻہ هزار ٻارهن کان ٻہ هزار ٻاويهن تائين منهنجو هيءُ پنجاهون مهاڳ آهي. اهڙو ذڪر مون هن ڪتاب جي ليکڪ علي محمد ”درد“ سولنگيءَ سان فون تي پڻ ڪيو هو. جنهن ماشاءَ الله چئي، خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ چيو تہ مهاڳن جي گولڊن جوبلي منهنجي هن ڪتاب جي نصيب ۾ آئي آهي، جنهن کان پوءِ هلڪڙا ٽهڪ ڏناسين.

اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته، ٻه هزار ڏهه ۾ سنڌ جي سياسي وڏيرن پنهنجي مفادن خاطر مختلف هنڌن کان بندن کي ڪَٽَ ڏياري، سنڌ کي هٿ سان ٻوڙائي تباهيءَ جو جيڪو ثبوت ڏنو هو، اهو انهن ماڻهن کان وسريو ناهي، جيڪي اهڙي ڪهري ظلم جا شڪار ٿيا هئا. سندن مال متاع، گهر جو سامان نياڻن ۽ پٽن جي ڏاج سان گڏ گهر جا پاتي پڻ لڙهي ويا هئا. جن جي ڪا به قبر نهي نه سگهي هئي. اهڙي قيامت خيز منظر ۾ سندن پوئنرن پنهنجي پيارن ۽ جگر جي ٽڪرن لاءِ تڙپي تڙپي دم ڏنو. ڪِن پنهنجو هوش حواس وڃائي ڇڏيو هو، ڪي زنده لاش بڻجي ويا هئا. پر سنڌ جي ظالم سياسي وڏيرن کي اُنهن تي ڪا به ڪهل نه آئي هئي، ۽ انهن جي ڦٽن تي شديد لوڻ ٻرڪڻ لاءِ ائين چوندا رهيا ته، انهن ماڻهن کي پنهنجن عملن جي سزا ملي رهي آهي. سندن اهڙي سوچ تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو!

اها ڳالهه عالمِ آشڪار آهي ته بندن کي جيڪي به ڪَٽَ ڏياريا ويا هئا، اُهي سندن مفادن ۾ هئا. هُو پنهنجي ٻنين، فيڪٽرين، بنگلن ۽ ڳوٺن کي بچائڻ لاءِ غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن جي ڳوٺن کي ٻوڙائي اُنهن کي بي گهر ڪيو. اهڙي عمل تي ڪين سياسي وڏيرن کي ڪو به پڇتاءُ محسوس نه ٿيو. بي گهر ماڻهن نه رُنو پر اُن سان گڏ آسمان پڻ مسلسل روئندو ۽ ڪنڌ جهڪائيندو رهيو.

يٽائي چواڻي:

ڏاريائي ڏاريا، مِٽ مُئيءَ جا نه ٿيا.

اِن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته سنڌ سان ڏارين ته ڪَلُورَ ڪيا ئي ڪيا آهن، پر پنهنجن به گهٽ ناهي ڪئي. سائين راشد مورائي پنهنجن جي اهڙي عمل تي لکيو هو ته:

”اهڙي هَوا گهُلي نہ تِو، دانگيءَ تي رَتُ وري،
ڌارين سان مُنهن ڏجي، مگر پنهنجن کي ڇا ڪجي!“

پاڻ سدائين ڌارين جي ظلم ۽ ڏاڍ تي ڳالهائيندا، تقريرون ڪندا ۽ لکندا رهيا آهيون، ۽ پنهنجي قوم کي سجاڳيءَ جا سبق ڏيندا رهيا آهيون. تہ ڌارين اسان کي سدائين لٽيو ۽ ڦريو آهي پر پنهنجن تي چند ماڻهن، چند اديبن شاعرن ۽ چند دانشورن کان سواءِ اڪثر ماڻهن چمچاگيريءَ کان ڪم ورتو، سچ چوڻ کان ڪيٻايو آهي. سچ کان ڪيٻائڻ ۾ سندن ذاتي مفاد موجود آهن، جن جي ڪري هاري، ناري، غريب ۽ مسڪين ماڻهو ڌارين جي ظلمن سان گڏ پنهنجي سياسي وڏيري طرفان نہ رڳو ٻہ هزار ڏهہ جي مَها ٻوڏ ۾ نظر اچي ٿي. پر موجود دؤر يعني ٻہ هزار ٻاويهہ ۾ پڻ تاريخ جو اهڙو ورجاءُ ڪيو ويو آهي.

اسان کي خبر آهي تہ، اهڙن مفاد پرست ۽ موقعي پرست سياسي وڏيرن مان ڪجهہ بہ حاصل ٿيڻو ناهي، جنهن جو مثال ٻہ هزار ڏهہ جي ٻوڏ ۾ سندن ڪيل ظلم جو عمل ۽ ٻہ هزار ٻاويهہ ۾ اهڙو ڪُڌو عمل شامل آهي، جنهن ۾ ٻہ هزار ڏهہ کان بہ وڌيڪ ظلم جي انتها ڪئي وئي آهي. سياسي وڏيرن ۽ حڪمرانن پنهنجي مفادن خاطر سنڌ جا ڳوٺ ۽ زمينون ٻوڙائي، لکين سنڌي ماروئڙن کي بي گهر ڪري، پنهنجن بنگلن ۾ عياشي ڪئي! اسان جا سنڌي ماروئڙا کهڙي ڪَربَ مان گذريا، سندن، ڪيترين تڪليفون ڏسڻيون پيون، پنهنجن اکين اڳيان ڳوٺ ٻُڏندي، گهر ڊهندي ۽ پنهنجن پيارن جا لاش ڏسندي ۽ لڙهندي ڏٺا. اهڙي ظلم جا گواهہ اخبارن ذريعي ۽ سوشل ميڊيا تي جيڪو سچ ٻڌائيندا رهيا سا ڳالهہ لکل ناهي پر سياسي وڏيرن کي انهن تي ڪا بہ ڪهل نہ آئي!

سنڌ جي مسڪين ڳوناڻن ماڻهن جي اهڙي ڪَرب جي حقيقي ڪهاڻيءَ کي سنڌ جي حساس شاعر سٻاجهڙي اديب ۽ نثر نويس

علي محمد ”درد“ سولنگيءَ جهڙي ريت پنهنجي واين ۾ ڪيڏارو لکيو آهي، اُهو پڙهڻ کان پوءِ هر حساس دل رکندڙ ماڻهوءَ کي ضرور رُئاريندو. مون جڏهن سندس ڪيڏاري واريون وايون مهاڳ جي لکڻ لاءِ پڙهڻ شروع ڪيون ته ويهن واين کان پوءِ منهنجي اکين جا بند ٽُٽي پيا ۽ مون وڌيڪ وايون پڙهڻ بند ڪيون. اتفاق اهو ٿيو ته پنجن منٽن کان پوءِ علي محمد ”درد“ فون ڪئي ۽ چيو ته مان سعودي عرب وڃڻو آهيان، اُن ڪري جيترو جلدي ٿي سگهي مهاڳ لکي ڏيو ته آئون مرتضيٰ لغاري ڏانهن موڪلي سگهان. مون کيس چيو ته، اوهان واين ۾ به برسات متاثرن جي ڏکن، سُورن ۽ دردن کي اهڙو قلم بند ڪيو آهي، جو مون ويهه وايون پڙهي روئي ڏنو. آهي، ۽ فون تي به ڳالهائڻ دؤران اهڙي ڪيفيت جُڙي آئي، جنهن کي علي محمد”درد“محسوس ڪيو.هن وڌيڪ ڪجھ به نه چيو.

مهاڳ جي نوٽس وٺڻ لاءِ ٻئي ڏينهن تي واين کي وري پڙهڻ شروع ڪيم ۽ ساڳي ڪيفيت مان گذريس. سمجھ ۾ نه پئي آيو ته ڪهڙي وائيءَ جو نوٽ وٺان ۽ ڪهڙيءَ جو نه. ڇاڪاڻ ته هر وائيءَ ۾ ڪيڏارو موجود هئو، پوءِ سوچيم ته، ٿوريون وايون ڪٽي مهاڳ لکان ٿو. اهو ان ڪري ته هر وائي نوٽ ڪرڻ جهڙي هئي.

اهو دُرست آهي ته ڪنهن به ڪتاب جو مهاڳ آئيني مثل هوندو آهي. جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ وڌيڪ ڪتاب پڙهڻ جو تجسس وڌندو آهي يا گهٽبو آهي. مون کي يقين آهي ته علي محمد ”درد“ سولنگيءَ جون هيءُ وايون مهاڳ پڙهڻ کان پوءِ پرهندڙن وٽ تجسس ضرور پيدا ڪنديون. ”درد“ جي واين ۾ معشوق ڌاريجي جي واين جيئان عام ٻوليءَ جو استعمال مڪمل طور تي ٿيل آهي، عام ٻوليءَ جي اهڙي مڪملتا ۾ جيڪو سچ جو پرم رکيل آهي، يا ظالم ۽ مظلوم جو فرق ملي ٿو اُهو هانءُ ڏاريندڙ آهي. هنن واين ۾ ظالم ۽ مظلوم جو اهڙو فرق صاف ۽ شفاف نظر اچي ٿو.

ڳالھ اھا چوڏار،
هَٿَ سان ٻوڙايو اٿن!
هيءَ ڪا آفت ڪانھ هئي،
پاڻي جي يلغار.
هَٿَ سان ٻوڙايو اٿن!
جاتان ڪاٿان ڪَٽَ ڏئي،
وينا هِي ڪمدار.
هَٿَ سان ٻوڙايو اٿن!
مُفلس نادارن سَندِي،
ڪانھ لڌائون سار،
هَٿَ سان ٻوڙايو اٿن!

***

هيڏي هَٿَ ڌرمي،
ٻوڙايائون سنڌ کي.
آنڌائون هِي اوچتي،
آفت بي شرمي.
ٻوڙايائون سنڌ کي.

***

ڪاري ڪهري رات،
محشر جو منظر هُيو.
پاڻي گهرن آيو گهڙي،
ساھ سين سڪرات.
محشر جو منظر هُيو.
اَلهُ تَلهُ هليو ويو،
پرھ ڦُٽي پريات.
محشر جو منظر هُيو.

***

هئہ هئہ منهنجو گهر،
هنڌان هنڌان پيو ڏري.
پتين. چتين ساڻ گڏ،
مُنهنجو هِي اندر،
هنڌان هنڌان پيو ڏري.

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ شاعر ۽ اديب معاشري جا حساس ماڻهو هوندا. حساس ماڻهن تي عام ماڻهن کان وڌيڪ اثر ٿيندو آهي. اهڙي شاهدي بُخاري جي هنن سٽن ۾ موجود آهي.

هِي ماڻهو جيڪو ميڻ مثل،
سي ڪِٿ تا سهن تِکو تئہ سُهٽا.

حساس ماڻهو ميڻ جيئان نرم ٿيندا آهن. جن کي ٿوري تپش ڳاري ناس ڪري ڇڏيندي آهي، يا شاعر ۽ اديب اهڙي ئي حساسيت جو فطري حصو رهيا آهن. عام ماڻهو ڄائو وڏو ٿيو، نوڪري ڪري شادي ڪيائين، رٽائر ڪري چند سالن کان پوءِ وفات ڪري ويندو آهي. ڳالهہ ختم!!.. سماج ۾چند گهر ڀاتين کان سواءِ سندس پيو ڪو بہ ياد ڪرڻ وارو نہ هوندو آهي. پر شاعر ۽ اديب سماج جو اهڙو فرد هوندو آهي، جيڪو مٿين سيني ڳالهين سان گڏ پنهنجي لکڻين ذريعي صدين تائين ساهہ کڻندو آهي، ۽ هميشہ جيئرو رهندو آهي.

هن وقت تائين اربين ۽ کربين ماڻهو ڄاوا ۽ وفات ڪري ويا. پر اُنهن اربن ۽ کربن ماڻهن مان انهن ماڻهن کي ياد ڪيو وڃي ٿو، جن پنهنجي قلم ۽ ڪردار سان گڏ حساسيت جو ڀرم رکيو.

علي محمد ”درد“ سولنگي بہ قلم، ڪردار ۽ حساسيت جي علم کي بُلند ڪري، هن اهڙي بِگڙيل سماج ۾ سفر ڪري رهيو آهي، جتي انسانيت ۽ احساس جهڙا لفظ چوري ٻار جيئان روئندا ۽ رڙندا رهن ٿا. جن کي چند ماڻهن کان سواءِ ڪير بہ پرچائڻ ۽ ڀَلي

لڳائڻ لاءِ تيار ناهي. اهڙي سماج ۾ شاعر ۽ اديبَ اهڙا انسان آهن جيڪي پنهنجي لکڻين ۾ غريبن، مسڪينن، مظلومن ۽ بي ٻهچ ماڻهن جي سار لهي سندن دردن تي پها رکي آتت ڏين ٿا. اهڙي آتت جي گواهي ”درد“ سوالنگي جي هيٺين هنن واين ۾ موجود آهي. جن کي پڙهڻ کان پوءِ مٿي ڄاڻايل الفاظن توڙي ڳالهه کي مضبوطي ملي ٿي.

بچيو ڪجھ پي ڪونہ،
سارو ڪجھ لُڙهي ويو.
ٿانوَ ٽپا ڪپڙو اَجهو،
مال متاع رهيو نہ.
سارو ڪجھ لُڙهي ويو.
ڏاجو پُٽَ ۽ ڌيءَ جو،
هنڊ وهاڻا سون.
سارو ڪجھ لُڙهي ويو.

***

ڳوٺن شهرن جا،
رستا سارا ويا لُڙهي.
جوهي، ميهڙ خيرپور،
دادو يانن جا.
رستا سارا ويا لُڙهي.

***

حالت هيءَ ڏسي،
مونکي روئڻ ٿو اچي.
پَٽَ تي پيا آهن سُتا،
مُنهن ۾ ڌوڙ مٽي.
مونکي روئڻ ٿو اچي.

خيمو، مچر داني نہ ئي،
تن وٽ آهِ رلِي.
مونکي روئڻ ٿو اچي.
***
ڪنهنجو جاني ياءُ،
لوڙهي ٻوڙي ٻوڏ وئي.
ماڻهو بينا بند تي،
ڏسن هيءُ لقاءُ.
لوڙهي ٻوڙي ٻوڏوئي.
***

سياسي وڏيرو پنهنجن ڪوڙن ۽ ڪُڌن ڪمن کي پلي ڪيترو بہ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري، پر علي محمد ”درد“ سولنگيءَ جي ڪيڏاري وارين هنن واين کان پنهنجي يزيدي سوچ کي لڪائي ۽ بچائي نہ ٿو سگهي. هڪ حقيقي شاعر ۽ اديب جي اها ئي ذميداري هوندي آهي، جنهن کي دنيا جي ڪا بہ طاقت روڪڻ جي باوجود بہ روڪي ناهي سگهندي.

علي محمد ”درد“ سولنگي اهڙي اديباڻي ۽ شاعراڻِي ذميداري کي پنهنجي قلم جي نِب سان پوري ديانتداري ۽ بهادريءَ سان نڀايو آهي. جنهن مان سندس اعلىٰ ۽ اطلاقي سوچ جو دائرو اطلاق پسائي ٿو. اهڙي اطلاقي دائري جا عڪس نہ رڳو مٿين واين ۾ موجود آهن پر هينيون وايون بہ پڻ اهڙي اطلاق سان هم آهنگ آهن، جن ۾ پڻ ٻوڏ ۽ برسات متاثرن جي آهُن ۽ دانهُن جو چٽائيءَ سان ذڪر ملي ٿو.

منهنجي منڙي ماءُ،
مون کي ننڊ نہ ٿي اچي.

ڪيڏي آهي بي حسي،
کهل نہ کوکهڪاءُ.
مون کي ننڊ نہ ٿي اچي.
پنهنجن، پنهنجن کي ڏنو،
ڳِهرو آهي گهاءُ.
مون کي ننڊ نہ ٿي اچي.

***

ٻيڙي ناهِ ملي،
چِت تي رکيو لاش آ.
ڪفن بدران ويڙهيل،
اُن کي آهہ رِلي.
چِت تي رکيو لاش آ.

***

عزت لُٽيائونس،
راشن جو ڏئي آسرو.
رڙين، ڪُوڪن، دانهن تي،
گهوگهي گُهٽيائونس.
راشن جو ڏئي آسرو.

***

علي محمد ”درد“ جي ديانتداريءَ جا پيرا، تاجل بيوس جي هنن سٽن جا ساکي آهن. جن ۾ تاجل لکيو آهي تہ: ”اي دوست! تون چئين ٿو تہ مان لکڻ ڇڏي ڏيان، سا ڳالهہ منهنجي وس ۾ ناهي. جيڪڏهن تون منهنجي قلم کي غور سان ڏسندين تہ، منهنجي قلم جي توکي زبان ڏسڻ ۾ ايندي، نہ ٿو لکان تہ قلم شور ٿو ڪري.“ تاجل جي انهيءَ خيال کي جواز بنائي، علي محمد ”درد“ لاءِ اهو چوندس تہ، هن جو قلم بہ شايد تاجل جي قلم جهڙو آهي. جنهن ۾

زبان موجود آهي ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. نه لکڻ سان اُها قلم کي شور ڪرائي ٿي. علي محمد ”درد“ جي قلم جو شور، بور ڪندڙ نه پر انساني احساس جو اعلىٰ احساس ڏياريندڙ آهي. چاڪاڻ ته اهو احساس ئي آهي، جنهن تي قومي ۽ انساني رشتا ساهه کڻي رهيا آهن. اهڙن احساسن جي آجيان شاعرن هميشه مرڪي ڪئي آهي. احساس کان سواءِ انسان اياز گل جي سٽن جئيان ”پراڻي اخبار مثل ٿي پوي ٿو.“

اچو ته، علي محمد ”درد“ جي اهڙين احساساتي سٽن جو سير ڪريون.

بابا او بابا،
ڏاڍي بُک آهي لڳي.
ڪالهاڪُر اُلٽي به آ،
ڦيري ۽ ٿاٻا.
ڏاڍي بُک آهي لڳي،

***

پاڻي گھريو مانس،
ٿڦڙ وهائي ڪڍيائين.
بُکيو ننڍڙو ياءُ آ،
ڏک مان ڏسيو مانس.
ٿڦڙ وهائي ڪڍيائين.

***

اڇلي چو تا ڏيو،
اسان به ته انسان هون.
ٻوڏ جا هُون ٻڏل،
پاڻ وٽ سپ هُيو.
اسان به ته انسان هُون.

***

لِيڙون ليڙون لتا،
ٻوڏ متاثر ٻارڙا.
***
چولين ۾ چَرَ ۾،
ٻيڙي اونڌي ٿي پئي.
ڀريل ماڻهن ساڻ هُئي،
هئہ هئہ منڇر ۾.
ٻيڙي اونڌي ٿي پئي.
***
ڪُوڪُون ۽ ڪِيهاٽ،
منهنجي سنڌ لُڙهي وئي!
آڏليءَ ڏاري اوچتو،
ڀاڻيءَ جا ڪڙڪاٽ.
منهنجي سنڌ لُڙهي وئي!
***

جنهن معاشري ۾ اهڙي بي حسي هُجي، اُتي غريب ماڻهو ڪنهن وٽ وڃي ۽ ڪنهن کي دانهن ڏئي؟ استحصال ڪندڙ جهان خان ٻٽيل آهي، تنهن ڪري جهان خان ڏي وڃڻ مان بہ ڪجھ بہ حاصل ٿيڻو ناهي. اُن کي شڪست ڏيڻي آهي تہ، اُنهن جوڌن شاعرن ۽ اديبن جا هٿ مضبوط ڪرڻا پوندا، جيڪي اهڙن ظالمن ۽ لالچي سياسي وڏيرن سان هوشوءَ جيئان هميشہ مهاڏو اٽڪائيندا رهن ٿا.

علي محمد ”درد“ سولنگي بہ اهڙن ئي جوڌن جو همسفر جوڌو رهيو آهي. جنهن سچ چوڻ کان ڪڏهن بہ ڪيٻايو ناهي. اُن جي ثبوتي شاهدي علي محمد ”درد“ جي هن ڪتاب ”منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي“ ۾ جا بجا موجود آهي.

سياسي وڏيرن ۽ مفاد پرستن لاءِ هن ڪتاب جون سموريون وايون صدين تائين ايف آءِ آر وارو ڪم ڏينديون آهن. علي محمد "درد" سولنگيءَ جي اهڙي بهادريءَ کي ساراهڻ ئي صحيح ۽ حقيقي بهادري آهي.

اهڙي بهادريءَ جا عڪس اڄ کان چار سؤ سال اڳ لطيف جي واين ۽ بيتن ۾ رقص ڪندي ملن ٿا. جنهن ۾ پاڻ پيرن، وڏيرن ۽ بادشاهن جي ساراهه کي ٺُڏو هڻي پنهنجي ماروئڙن، جهانگيئڙن ۽ سانگيئڙن جي پکن، لانڍين، ڇپرن، ڊنگهرن، ڪِڪِي هڻن ڪارن، ڪچن گهرن، ڏهه ڏاتارن، جوڌن، دودن ۽ هينين طبقي جي بهادرن جا قصا واين ۽ بيتن بي ڊِپائيءَ سان بيان ڪري، بهادريءَ جا اهڙا پيرا ڇڏيا، جنهن جا نشان اڄ تائين ڪا به طاقتور قوت مٽائي ناهي سگهي!

علي محمد "درد" جون هي وايون پڻ لطيف جي اهڙي عڪسي اظهار جو اظهار آهن. جن ۾ لطيف جي شاعريءَ جيئان قومي ۽ انساني فطري سوچ سان گڏ انفراديت ملي ٿي. جنهن جي آجيان قومي فرض ۾ شمار ٿئي ٿي.....۽ بس!

ڳالهه جنهن ۾ هُجي ديسَ مارُن سَندِيِ،
اهڙي اعلىٰ اَمر شاعري ٿو گهران.
(رضا لانگاهه)

**رضا لانگاهه**
سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت شاخ
مورو
11 آڪٽوبر 2022ع

# منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي

شاعري سماج جي ڏک، سک ۽ دردن پيڙائن جي عڪاسي ڪندڙ هڪ احساس آهي.

شاعر پنهنجي سماج جي شفاف آرسي پنهنجي شاعري ذريعي پنهنجي قوم آڏو آڻي تاريخ لکي ڇڏين ٿا. شاعري جتي خوبصورت لطيف جذبو آهي، اتي سماج ۾ ٿيندڙ ڏک، درد، پيڙائن ۽ ناانصافين کي نروار ڪرڻ جو ذريعو پڻ رهيو آهي.

شاعر يا ليکڪ بيحد حساس دل جا مالڪ ٿين ٿا، بنسبت هڪ عام ماڻهو جي. اهو ئي سبب آهي جو سندن شاعري ۾ هڪ درد هوندو آهي. هڪ اهڙو درد جيڪو پڙهندڙن جون اکيون نم ڪري ڇڏي ٿو. اڄ مان شاعري جي اهڙي مجموعي جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿي، جنهن ۾ موجود شاعري، شاعري نہ پر ديس جي دانهن آهي. هن ڪتاب جي شاعري کي درد ئي چئجي تہ وڌيڪ بهتر. ۽ اتفاق اهو آهي تہ هن شاعري جي مجموعي جي تخليقڪار جو تخلص بہ ”درد“ آهي.

علي محمد ”درد“ سولنگي ادب جي افق جو ڪو نئون نالو نہ آهي. هن سنڌي ٻوليءَ کي ڪيترائي شاهڪار ڪتاب ڏنا آهن پر 2022ع جي تازي آيل هن ٻوڏ کي ۽ ٻوڏ جي دردن سورن کي شاعري جي هڪ ئي صنف وائي ۾ ايتري خوبصورت انداز ۾ قلمبند ڪيو آهي جو هن ڪتاب ”منهنجي سنڌ لڙهي ويئي“ ۾ شامل تخليقن کي اگر ٻوڏ جي تباهڪارين جي تاريخ چئجي تہ بہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

سنڌ ۾ آگسٽ مهيني کان شروع ٿيندڙ برساتون ڏسندي ڏسندي پوري سنڌ کي پنهنجي تباهي جي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو

پهرئين درياءَ جي ويجهو وارا علائقا زير آب ايندا هئا پر موجوده ٻوڏ ۾ درياءَ جي چاڙهه ۾ برساتن پوري سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو ڪيترا ئي گهر بلڪ شهرن جا شهر ان تباهي جي ور چڙهي ويا هزارين ماڻهو بي گهر ٿي ويا ۽ ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجن پيارن کي پنهنجن اکين سامهون لڙهندي ۽ مرندي ڏٺو. اهڙين حالتن ۾ هڪ عام ماڻهو ڪيترو به سخت دل ڇو نه هجي جُهري پيو هئو. پوءِ پلا هڪ حساس دل شاعر سماج ۾ ٿيندڙ اهڙي ڏکويل صورتحال تي ڪيئن نه دکي ٿيو هوندو. بحيثيت هڪ شاعره ۽ ليکڪ جي مون کي خبر آهي ته قوم، وطن ۽ انسانيت جي هر ڏکئي وقت ۾ تخليق جي ديوي ڇئو يا ڏک ڇئو لفظن جو روپ وٺي لکندڙن جي اکين مان لڙکن ۽ قلم مان مس ذريعي ڪاغذ تي پکڙجي وڃن ٿا. سنڌ جي اهڙي صورتحال تي ڪجهه اهڙو ئي درد سنڌ جي خوبصورت شاعر علي محمد ”درد“ سولنگي محسوس ڪيو ۽ اهو درد سندس قلم ذريعي ڪاغذ تي اوتجي ويو آهي جيڪو ”منهنجي سنڌ لڙهي ويئي“ جي ڪتابي صورت ۾ اسان جي هٿن ۾ آهي. منهنجو تعلق به دادوءَ سان آهي ۽ هن ٻوڏ ۾ ٻين ضلعن جي بنسبت بدقِسمتيءَ سان دادو ضلعي وڌيڪ پوڳيو آهي، مون جڏهن علي محمد ”درد“ سولنگي جي هيءَ وائي پڙهي ته ٻوڏ جو سمورو درد منهنجي اکين اڳيان اچي ويو ۽ مان نيڻ پُسائي وينس. اهو ماڻهو ئي ان درد کي محسوس ڪري سگهي ٿو، جيڪو گهر کان بي گهر ٿي ڪئمپن يا روڊ يا بندن تي پنهنجا ٻچا ويهاري بک تي رهي چڪو هوندو. خيرپور ناٿن شاه سان گڏ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن اهو درد پوڳيو جو ڪين اچانڪ رات جي پيٽ ۾ سر ۽ ساهه وٺي جهريل جهوپا ڇڏي ڪين ٻاهر نڪرڻو پيو.

هاڻي جو هاڻي،
نِڪرو ناٿن شاهه مان.

ڏوڪيندو پيو ٿو اچي،
پاڻي ڙي پاڻي.
نِڪرو ناٿن شاهه مان.
خطرو خُدا واهَ ڪان،
راڻا او راڻي.
نڪرو ناٿن شاهه مان.
الرٺُ آڏيءَ راتِ جو،
خلقت ويڳاڻي.
نڪرو ناٿن شاهه مان.
ٻوڙيائون ٻيهر وري،
ڄاڻي ۽ واڻي.
نڪرو ناٿن شاهه مان.

مان عذاب الاهي، الله پاڪ جي ٻندن سان پيارَ، تي ويچاريان ٿي تہ منهنجو سڄو وجود ڏڪي وڃي ٿو ۽ گهڻي سوچ ويچار ڪان پوءِ ان نتيجي تي پهچان ٿي تہ الله پاڪ جي ٻاجهاري ذات ئي آهي جيڪا پنهنجي ٻندن سان بي پناه پيار ڪري ٿي. هن سيلاب ۾ سنڌ جي سيني شهرن سان ٿيل نانصافين، ظلم ۽ هٿ سان شهرن ۽ ڳوٺن ٻوڙڻ واري ان ظلم ڪي علي محمد ”درد“ سولنگي خوبصورت انداز سان هن وائي ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن ڪي پڙهڻ سان ڳوڙها ڳڙي پون ٿا. هن وائي ۾ پاڻيءَ جي هترادو يلغار بہ بيان ڪيل آهي تہ هترادو ڪٽ هڻي هٿ سان ٻوڙايل سنڌ جو درد بہ اوتيل آهي ۽ ٻڪين اڄن مارن تي واسينگن جي وار مٿان وار جا پڻ ڪيئي قصا آهن. ڪنهن ڪنهن مفلس ۽ نادارن مارن جي سار لڌي ۽ ڪنهن ڪنهن ڪين ستايو ۽ ايذايو اهو بہ بيان ٿيل آهي.

ڳالھ اِها چوڏار.
هَٿَ سان ٻوڙايو اٿن.

هيءَ ڪا آفت ڪانہ هُئي،
پاڻيءَ جي يلغار.
هَٿَ سان ٻوڙايو اٿن.
جاتان ڪاٿان ڪَٽَ ڏئي،
وينا هي ڪمدار.
هَٿَ سان ٻوڙايو اٿن.
بُکَ اُڃَ ۽ بيماريون،
واسينگن جا وار.
هَٿَ سان ٻوڙايو اٿن.
مفلس نادارن سنڌي،
ڪانہ لڌائون سار.
هَٿَ سان ٻوڙايو اٿن.

علي محمد ”درد“ سولنگي سنڌي ٻولي کي ڪيترائي ڪتاب ڏنا آهن، مان هتي سندس ڪيل ادبي خدمتن جو پورو پُنو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿي. هيءُ ”منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي“ علي محمد ”درد“ سولنگي جو مجموعي طور تيرنهون ڪتاب آهي، هن ڪتاب کان اڳ سندس ٻارنهن ڪتاب، ”ٻار گلن جا هار“، ٻارن لاءِ شاعري 2005ع، ”چاهتن جا گلاب“ شاعري 2006ع، ”چاهتن جي موٽ“ شاعري 2008 ”سهڻا ٻار“ ٻارن لاءِ شاعري 2012ع، ”هڪ شام جو الميو“ ڪهاڻيون 2012ع، ”موتين داڻا“ ٻارن لاءِ شاعري 2017ع، ”ڪاش!“ شاعري 2019ع، ”قلم جنين جي هٿ ۾“ خاڪا 2020ع، ”وڃائجي ويل رنگن جو احساس“ نثري نظم 2020ع، ”ڪراچي سنڌ آ سائين“ شاعري 2021ع، ”قدر منجھ ڪنار“ پروفائيل انٽرويوز، 2021ع، ”هنڌان هنڌان جهير“ نثري ٽڪرا 2022ع، ڇپيل آهن. جيڪي سيئي منفرد ۽ بهترين ڪتاب آهن، جن ۾ ”درد“ جي درد سان گڏ ڪيئي درد سمايل آهن.

پر 2022ع جي ٻوڏ جي تباهڪارين جي موضوع تي سنڌ جي درد تي مشتمل سندس هيءُ ڪتاب "منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي" درد جي حساس دلي جي دليل سان ديس جي مشترڪ درد جي دانهن تي مشتمل آهي، جنهن ڪي "درد" شاعراڻي صنف وائي جي ڏکين پيچرن تي نيائيندي خوب ملهايو آهي. سندس هيءَ وائي ٻانُ، بدين جُهڏو، جوهي، وارهه، ميهڙ، ڏوڪري، خيرپور ناٿن شاهه، ٺٽو، نوشهرو فيروز، مورو، مَڇُرُ، وَرُ سجاول، هاڪڙي ڪنڌي جا شهر ڳوٺ ڪاڇي، ڪڇي، ڪاهيءَ سان گڏ سڄي سنڌ جي سورن کي شامل درد جي آلاپ کي عوام تائين پهچايو آهي.

ٻان، بدين جُهڏو.
ساري سنڌ ٻُڏي وئي!
وارهه، ميهڙ، ڏوڪري،
ڪي. اين شاهه ٺٽو.
ساري سنڌ ٻُڏي وئي!
نوشهرو، مورو، مَڇُرُ،
هر هڪ شهر ٻڏو.
ساري سنڌ ٻُڏي وئي!
وَرُ، سجاول هاڪڙو،
ڪاڇو ۽ ڪڇو.
ساري سنڌ ٻُڏي وئي!
پاڻي هي برسات جو،
ڪاهيءَ تاءِ پڳو.
ساري سنڌ ٻُڏي وئي!
لڙهندڙ لاشن کي ڏسي،
آئُن ڪين جهپو.

ساري سنڌ ٻُڏي وئي!
ناهي ڪجهه بچيو ڪٿي،
جيڪر سچ پُڇو.
ساري سنڌ ٻُڏي وئي!

هن ٻوڏ کان پوءِ سڪاري سنڌ جي ڏکارن ڏوٿين مان ڪنهن جو بہ گهر ناهي بچيو، جيڪو هنڌان هنڌان نہ ٿيو هجي هن وائي ۾ ”درد“ علي محمد سولنگي سيني ٿتل گهرن کي پنهنجي گهر سان پيٽ ڏئي ان ڳالهہ کي باور ڪرايو آهي تہ سنڌ ۽ سنڌين جا درد سُور منهنجا پنهنجا درد سور آهن، اها ڳالهہ ان چوڻ ۽ مڃڻ لاءِ ڪافي آهي تہ درد علي محمد سولنگي سنڌ جو سچو شاعر ۽ وطن ۽ قوم جو هڏ ڏوکي شاعر آهي وائي جي شروعات ۾ ڪتب آندل لفظ (هئہ هئہ!) اهڙو تہ ماتمي ۽ درديلو آلاپ پيدا ڪن ٿا جو وائي پڙهڻ سان پڙهندڙ غم جي ڪيفيت ۾ ڦاسي پوي ٿو.

هئہ هئہ! منهنجو گهرُ.
هنڌان هنڌان پيو ڏري.
پِتيُن ڇِتيُن ساڻُ ڳڌُ،
منهنجو هيءُ اندرُ.
هنڌان هنڌان پيو ڏري.
قرض ڪٽي قسطون ڪري،
نهرايو هو پَرُ.
هنڌان هنڌان پيو ڏري.
اهڙيون برساتون پيون،
ڇت وارو آڳُرُ.
هنڌان هنڌان پيو ڏري.

هن وائي کي ٻہ ماتمي يا غم جي وائي ئي چئي سگهجي ٿو جنهن ۾ درد، سنڌ جي غم کي ڪربلا جي غم سان ڀيٽي پنهنجي اوچي ۽ اعليٰ عشق جو ثبوت ڏنو آهي.

مَنَ مَنَ ۾ ماتم.
خوشيون لُڙهيون ٻوڏ ۾.
سنڌ سڄي ٿي ڪربلا،
موٽيو ڇڻُ! مُحرم.
خوشيون لُڙهيون ٻوڏ ۾.
ٿهڪ ٽڙڻ بند ٿي ويا،
هر ڪا اکِ آ نَمُ.
خوشيون لُڙهيون ٻوڏ ۾.
ڳوڙها ڳوڙها ڳالهيون،
هر ڪنهن سان گڏ غم.
خوشيون لُڙهيون ٻوڏ ۾.

مان پنهنجي ياءُ علي محمد ”درد“ سولنگي کي ٻوڏ جي تباهڪارين تي مشتمل هن ڪتاب تي ڪيس ڀليڪار چئي ڪتاب ڇپجڻ جون مبارڪون ڏيان ٿي ۽ يقين سان چوان ٿي تہ سندس هيءُ ڪتاب دُکي دلين لاءِ درد جو دارون ثابت ٿيندو.

نهايت نيڪ دلي سان ادا درد لاءِ دعا آهي تہ الله پاڪ هميشہ ڪيس ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون نصيب فرمائي جيئن هو سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي جي خدمت ڪندو رهي.

ساٿ سلامت سنڌ سلامت

**خوشبو بلوچ**
حيدرآباد سنڌ

# شاعري جي آئيني ۾
# زندگي جا عڪس

شاعري جي باري ۾ ذهنن ۾ عام هڪ تصور اهو به هوندو هو ته شاعري ۾ صرف گل باغ ۽ بلبل جا فرضي داستان بيان ٿيل هوندا آهن پر درحقيقت ائين هرگز ناهي وقت ۽ حالات جي پٽاندر جيئن هر شيءِ تبديلي ۽ جدت جي طرف وڃي رهي آهي، بلڪل ائين شاعري پنهنجا نت نوان گس ناهي ورتا آهن. محدود موضوعن جي قيد مان نڪري موجوده وقت جي تقاضن کي مدنظر رکندي نوان جي پرفضا ماحول ۾ ساهه کڻي رهي آهي، ائين کڻي چئجي ته شاعري حالات جي عڪاس هوندي آ يا آس پاس ۾ ٿيندڙ حالات جو اهو آئينو هوندو آهي جنهن ۾ انسان پنهنجو پاڻ کي ڏسندو آهي موجوده حالات جي پٽاندر جتي هرانسان حيران ۽ پريشان آهي اتي حساس دل رکندڙ شاعر غم جانان کي ڇڏي غم دوران لاءِ فڪرمند رهن ٿا، موجوده وقت ۾ جتي سنڌ مسلسل تڪليفون ڏسي رهي آهي، اهڙي وقت ۾ وري سيلاب جي ڏکوئيندڙ صورتحال هڪ انساني الميي کي جنم ڏنو آهي. ان ۾ هرانسان پنهنجي پنهنجي حصي جون پوڳنائون سنيون علي محمد ”درد“ سولنگي جو ڪتاب ”منهنجي سنڌ لڙهي ويئي“ ڏکن جو اهو دستاويز آهي، جنهن کي ڪوليندي دل ڏکي ٿي وڃي، جتي ڪجھ به ڪچڙ به ايترو سولو نه هجي اتي ڏکن کي لفظن جوويس پارائي شاعري جوروپ ڏيڻ ڪمال فن جواعجاز آهي، ٻوڏ جي حوالي سان سنڌجي صورتحال تمام ڏکائيندڙ ۽ اذيتناڪ آهي. اگر سوچيو وڃي ته جدت جو مفهوم چاهي يعني احساس ۽ تخيل کي ٻن اهم ترين عناصر ۾ تصورڪيو ويندو آهي، تخيل جي نواڻ يا انوکو پَڻُ هڪ تخليقي

عمل آهن لفظ قافيا ۽ موضوع پلي ساڳيا هجن پر خوبصورت انداز بيان جو فن ڪنهن ڪنهن وٽ ئي هجي ٿو علي محمد ”درد“ سولنگي جي شاعري انهن ماپن ۾ پوري لهي ٿي.

هاٽي جو هاٽي،

نڪرو ناٿن شاهه مان.

ڏوڪيندو پيوٿواچي،

پاٽي ڙي پاٽي.

نڪرو ناٿن شاهه مان.

خطرو خداواهه ڪان،

راٽا! او راٽي.

نڪرو ناٿن شاهه مان.

هي منظر ٽي وي اسڪرين تي اکين سان ڏٺا ويا، جتي لفظن ساٿ نه پئي ڏنو فقط ڳوڙهن ڳالهايو پئي علي محمد ان منظر کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. اهي جايون ڪڪڙا اچانڪ ڇڏي ڏيڻ، جن سان انسان جو جذباتي لڳاءُ هجي تن کي اوچتو ڇڏي ڏيڻ انسان جي اندر کي ضروراڏ ڪيوهوندو جيئن پکي، ڪک ڪک ميڙي هڪ آکيرو جوڙي ٿو، تئين انسان به سيمنٽ گاري ۽ سرن سان نه پر درحقيقت قربانين سان گهرڙو جوڙي ٿو سا سندس دل کي ئي خبر هوندي آ ته هڪ هڪ سر سان ڪيڏا خواب ڳنڍيل هوندا آهن، اچانڪ هر ڪک پن تان دستبردار ٿيڻ آيترو آسان ڪٿي هو؟

اهو منظر تمام ڏکائيندڙ هو. جڏهن خيرپور ناٿن شاهه کي ڇڏڻ جو حڪم صادرٿيو ۽ اڳتي وک کڻڻ لاءِ ڪا واهه نه هجي ان بيوسي ۽ لاچاري کي علي محمد سولنگي تمام خوبصورت نموني شاعري جي ڪينواس تي چٽيو آهي.

ڪاري ڦهري راتِ،

مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.
پاڻي گهرن آيو گهڙي،
ساهہَ سَپِن سڪراتِ.
مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.
نِڪرو پنهنجا سِر وَٺي،
وائي هر ڪنهن واتِ.
مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.
اوهي واهي ڪونہ ڪو،
سُڏڪي پيا جذباتِ.
مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.
اَلهہُ تَلَهہُ هليو وَيو،
پِرهہَ ڦُٽي پرياتِ.
مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.

شاعري تخيل جي شادابي ۽ احساسن جي لطافت ۽ جذبات ۾ شدت جونالو آهي يا مختصرطورائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ پين جي دل جي ڳالهہ پنهنجي لفظن ۾ بيان، ڪرڻ ئي اصل ۾ شاعري آهي. درحقيقت لفظن جي چوند، ترتيب انفراديت جو ثبوت ڏنو آهي، جيئن هي وائي:

ڏارون ڏارون ڏار،
منهن جوگهرڊهي پيو.
برساتون هيلوڪيون،
قيامت جا آثار.
منهن جوگهرڊهي پيو.

هي سنڌ جي تاريخ جي خوفناڪ صورتحال رهي جڏهن زميني رابطہ ڪٽجڻ ڪري زندگي مفلوج ٿي وئي هئي، زندگي ڪي گذارڻ ايترو آسان نہ هيو، دربدري هڪ وڏو ڏک بڻجي وئي هئي. بيوس انسان پنهنجا ئي ٻچڙا ائين پنهنجي اکين آڏو موت جي منهن ويندي ڏسندا رهيا ۽ پنهنجي پيارن کي ائين لڙهندي ڏسي هرجيءُ جهريو هوندو. اهي سانحہ من کي جهوري وجهندڙ هئا پر علي محمد ”درد“ سولنگي اهڙي ڪمال فن سان انهن جي منظر ڪشي ڪئي آهي، جو پڙهندي انسان جي ذهن جي اسڪرين تي اهي منظر چٽي طورنظراچن ٿا، پڙهندي ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ اُهي سڀ سانحہ هن وقت پيش اچي رهيا آهن، لفظ، لفظ لڙڪ بڻجي پوي ٿو يا ائين ڪٽي چئجي تہ شاعري جي آئيني ۾ زندگي جا عڪس نظراچن ٿا.

ڪوڪون ۽ ڪيهاٽ،<br>
منهنجي سنڌ لڙهي وئي.

يا

بيوس ۽ لاچار،<br>
رستن تي پيا ٿا رهون.

ويٺا ناهيون شوق سان،<br>
ايئن ڇڏي گهربار.<br>
رستن تي پيا ٿا رهون.

بي وسي ۽ بي حسي جيڪا ٻوڏ جي صورتحال ۾ نظر آئي سا پهريان تصور ۾ بہ نہ هئي، هرسٽ هڪ الڳ ڪهاڻي جيان آهي.

منهنجي منڙي ماءُ،
مون کي ننڊ نہ ٿي اچي.
ڪيڏي آهي بي حسي،
ڪهل نہ ڪهڪاءُ.
مون کي ننڊ نہ ٿي اچي.

اهي سارا منظر جيڪي اکين سان ڏٺا ويا سي سيئي منظر ياءُ علي محمد ”درد“ سولنگي جي شاعري جي هن ڪتاب جي شاعري ۾ نظراچن ٿا، جيڪي اکين ڏٺا.

علي محمد ”درد“ سولنگي هڪ سنجيده ۽ مستقل مزاجي سان لکندڙ آهي. خدا ڪيس اجان ڏهوڻي ڏات ڏِئي لکندو رهي ۽ پروردگار سندس صحت کي سلامت رکي. آمين

**فهميده شرف بلوچ**

ڪراچي

# هيءَ فقط شاعري ناهي...

برسات جي موسم خوشگوار ۽ ماڻهوءَ کي وڻندڙ ٿيندي آهي. هن موسم ۾ وڻ، ٽڻ، گل، ٻوٽا ماحول کي حسين بڻائي ڇڏيندا آهن. مٽيءَ جي خوشبو، پکين جون منڙيون لاتيون ساهه کي پيون سرور بخشينديون آهن.

برسات کي ڏسي واهڻ وسندين ۾ رهندڙ هاري به خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن، ڇو ته برسات الله تعالي جي نعمت آهي. ان جي پوڻ سان نه صرف سونهن ۽ ساوڪ ۾ اضافو ٿيندو آهي پر پرسات انسانن، جاندارن ۽ ٻوٽن ۾ روح ڦوڪي ڇڏيندي آهي، پر سڀ قدرت جي هٿ وس آهي. خدا اگر چاهي ته بَرَ کي بهار بنائي ڇڏي، جي چاهي ته وَسِيَل آباديون پَٽُ ڪري، اجڙيل ميدانن جي صورت ڏئي.

2022ع هن سالَ ۾ پيل برسات مسڪراهٽون کسي سڏڪا ڏنا، هر پاسي آهون دانهون ۽ پڪارون ٻڌڻ ۾ آيون. مينهن هر گهر کي جهوري وڌو. ان پريشاني مان ماڻهو اجان نِڪتا ئي ڪونه هيا ته مٿان ٻوڏ جي اچڻ جا اعلان شهرن کان ڳوٺن تائين ڪرايا ويا. هر پاسي ماڻهن جي چهرن تي اداسي، لاچاري ۽ خاموشي تاري ٿي وئي. ان سڄي دردناڪ صورتِحال جي عڪاسي سِنڌ جي ماروئڙن لاءِ درد رکندڙ شاعر ”درد“ سولنگي شاعريءَ جي روپ ۾ ڪئي آهي. لکي ٿو ته:

ڏارون ڏارون ڏار،
منهنجو گهر ڍهي پيو.
برساتون هيلوڪيون،

قيامت جا آثار.

منهنجو گهر ڊهي پيو.

هي فقط شاعري ناهي پر اها ڪيفيت آهي، جيڪا هن محسوس ڪئي. برسات ۽ ٻوڏ جي تباهہ ڪارين هر هنڌ واويلا مچائي ڏني. ٻوڏ سان گڏ خوشيون لڙهندي نظر آيون، جنهن لاءِ شاعر لکيو:

ٿهڪ ٽڙڻ بند ٿي ويا،

هر اک آ نم.

خوشيون لڙهيون ٻوڏ ۾.

لڪين ماڻهو بي گهر بي آسرا ٿي ويا، ضعيف ننڍڙا معصوم ٻارڙا، نياڻيون روڊن تي اچي وَيُون. جِن جي سار لهڻ وارو بہ ڪونہ هو. شاعر ”درد“ لکيو تہ:

بيوس ۽ لاچار،

رستن تي پيا ٿا رهون.

حالت ڪان مجبور ٿي،

ننگ وٺي نروار.

رستن تي پيا ٿا رهون.

”درد“ سولنگيءَ جي شاعري انهن سپني تڪليفن، ڏکن ۽ سورن کي ظاهر ڪري ٿي، جيڪي ٻوڏ جي حالت ۾ ماڻهنِ تان گذريا. ٻوڏ ۽ برسات ۾ اهڙي صورتِحال هئي جو انسان ٻئي انسان سان ساٿ ڏيڻ بدران اُن جو مخالف بڻجي بيٺو. هٿ ساٿ واريون هستيون پنهنجي شان ۽ مال دولت گڏ ڪرڻ ۾ مصروف هئي. غريب ماني پور لاءِ محتاج ۽ پريشان هيا. ان کي ڏسندي علي محمد درد سولنگيءَ چيو تہ:

ڪلهہ ڪان بکيا هون،

سار لهي ڪو ڪونہ ٿو.
خِيمي ۾ راشن سواءِ،
پَٽَ تي لُڇِيا هون.
سار لهي ڪو ڪونہ ٿو.

سنڌ جا شهر ٻڏا. ٻهراڙيون رستا، زمينون پاڻيءَ ۾ لڙهي ويون، مائن جون اميدون، نياڻين جون خواهشون، ٻارڙن جي تعليم ٻوڏ ٻوڙي ڇڏي. ”درد“ سولنگي جي هن ڪتاب ”منهنجي سنڌ لڙهي ويئي“ جي شاعري ۾ هر سٽ ۾ اهو سچ آهي، جيڪو سيني تي گذريو ۾ ڪيترائي خاندان اجان انهن ڪي ڀوڳين پيا.

**صبا شاھ**

20 آڪٽوبر 2022ع

## سونُ ورنِين سِٽنِ جي وَرڪا

سنڌ جي ادبي اپ تي ڪيترائي ستارا چمڪندي نظر اچن ٿا، انهن ستارن مان ڪيترائي ستارا اهڙا بہ آهن، جيڪي پنهنجي جوت سان نظرن جي ڌيان جو هميشہ مرڪز رهن ٿا.

انهن جڳمڳائيندڙ ستارن مان ياءُ علي محمد ”درد“ سولنگي بہ هڪ آهي، جنهن جي ادبي توڙي سماجي سڃاڻپ جا هونئن تہ حوالا ڪيترا ئي آهن، پر سندس اهم ۽ مضبوط سڃاڻپ جو حوالو شاعر وارو ئي آهي. ڇو تہ فطري ۽ سماجي شعور سان جهڙي ريت هن جي شاعريءَ جو سفر جاري آهي، مون کي يقين آهي تہ هو مستقبل ۾ بہ پنهنجي سون ورنين تخليقي سٽن جي ورڪا سان سنڌي ادبي اتهاس جو اهم حصو ٿي رهندو. انشاءَ الله

درد سولنگي جن ڪيترائي ڪتاب سنڌ امڙ جي جهوليءَ کي ارپيا آهن. ”منهنجي سنڌ لڙهي وئي“ سندس واين تي مشتمل ڪتاب آهي.

درد، خود علامت آهي شاعريءَ جي نزول جي، ڇوتہ درد ۽ احساس ئي اهي اهم محسوساتي گڻ آهن، جن جي طفيلي تخليقي ذهن جي آبياري ٿئي ٿي، علي محمد ”درد“ سولنگي تہ آهي ئي درد، ۽ اهوئي درد، اهو ئي احساس هن جي تخيل جو اصل جوهر آهي. اهوئي سبب آهي جو اڄ علي محمد ”درد“ سولنگي هڪڙي اهڙي احساساتي درد جي شدت جو استعارو بڻيل موضوع ٻوڏ تي لکيل پنهنجي واين جي مجموعي سان گڏ حاضر ٿيو آهي.

وائي سنڌي شاعريءَ جي پنهنجي نج نبار اصلوڪي صنف آهي ۽ سنڌي شاعري جو اتهاس واين جي ورلاپ سان ڀريو پيو آهي. ڪالهه لکي ويندڙ وائي ڪلاسڪ جو اهم مقام ته ماڻي چڪي آهي. جنهن جو مهدار شاهه لطيف آهي، ڀلي ڪٿي شاهه لطيف کان اڳ وائيءَ جو وجود هيو به ڪٿي پر ان کي موضوعاتي توڙي تخيل جي اعلي معيار ڏيارڻ جو ڪريڊٽ شاهه لطيف جي حصي ۾ ٿو اچي.

ائين ئي جديد سنڌي وائي کي جيترو شيخ اياز عروج ڏياريو، ان عروج تي پهچ اجان ته ڪنهن جي حصي ۾ نه آئي آهي، پر ائين به ناهي ته ڪو صفا ڀينگ لڳي پئي آهي، ڪيترائي شاعر جديد توڙي قديم رنگ ۾ وايون لکي رهيا آهن ۽ تمام سٺيون وايون لکي رهيا آهن، انهن سٺين واين لکندڙن ۾ علي محمد ”درد“ سولنگي به شامل آهي. جنهن ڪالهه جڏهن وائي لکڻ شروعات ڪئي هئي ته، هو منفرد لب و لهجي ۽ وائيءَ جي اصل روح کي مڪمل اپنائي تمام خوبصورت وايون لکيون، ۽ سچ ته اهو به آهي ته درد سولنگي جتي واين جي صنف ۾ بي ساختگي ۽ اڏام ڀري آهي، اها سندس ٻين صنفن تي به ڀاري آهي، ۽ هو هڪڙو مڪمل ۽ منفرد وائيءَ جو شاعر ٿي ابريو آهي.

ڪوڙ ساريون دعائون ۽ نيڪ تمنائون ادا علي محمد ”درد“ سولنگي جي لاءِ، سيني جي دعائن جي هميشه طلبگار

**ڪونج بلوچ**

لانڊي ڪراچي

# ڪيڏاري جي ڪَربَ جهڙي شاعري

شاعري پنهنجي جوهر ۾ ٻن رُخن جي حامل رهي آهي. جنهن ۾ سماجي ۽ جمالي شاعري اچي وڃي ٿي. جمالي شاعريءَ جو تعلق سونهن يا خوبصورتيءَ سان جُڙيل آهي، جڏهن ته سماجي شاعريءَ جو واسطو سماج جي ڪَرب سان ڳنڍيل هُجي ٿو. علي محمد ”درد“ سولنگيءَ جو هيءُ ڪتاب سماج جي سُورن ۽ دردن جو اطلاق داستان آهي، جنهن ۾ ڌرتي ڌڻين جي دانهن جو ذڪر چٽائي ۽ بي باڪي سان ملي ٿو.

علي محمد ”درد“ سولنگي سنڌ جو اهڙو سُڄاڻ شاعر آهي، جنهن پنهنجي قلم جي مس ڪي ڪڏهن ٻِ سُڪڻ ناهي ڏنو، پاڻ هڪ مسلسل ليڪاري رهيو آهي، مسلسل لکڻ جي ڪري سنڌ جي اندر جيڪا ڪيس مچتا ملي آهي، اُها سياويڪ نظر اچي ٿي.

سندس واين جي هن ڪتاب ۾ پاڻ جيڪو ڌرتي ڌڻين تي ڪيڏارو لکي، شاعراڻو حق ادا ڪيو آهي، اُهو يقينن صدين تائين ساهُ ڪڻندو.

ٻہ هزار ڏهہ جي ٻوڏ کان پوءِ ٻہ هزار ٻاويهن جي برسات، سنڌ کي جيڪو نقصان رسايو آهي ۽ ان نقصان ۾ جيڪا وڏيرڪي سوچ ظاهر ٿي آهي، انهيءَ تي علي محمد ”درد“ سولنگي جئيان هر ماڻهوءَ کي سوچڻ گُهرجي.

چاڪاڻ تہ، انهن وڏيرن مان نہ اڳ ۾ چڱائي ٿي آهي، نہ هاڻي ڪا چڱائيءَ جي اُميد ڪري سگهجي ٿي. اُهي وڏيرا صرف پنهنجن مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ غريب عوام سان ڪيڏندا رهيا آهن. ۽

اُنهن کي کُوڙن آسرن ۾ ڦاسائي ووٽ وٺندا رهن ٿا. وڏيرن جي اهڙي کُوڙي عمل ۽ کوکلين ڳالهين کي پنهنجي واين ۾ علي محمد ”درد“ سولنگي جهڙيءَ ريت ظاهر ڪيو آهي، اُن جي آجيان ڪرڻ گهرجي.

اُستاد بخاري، ”ڪاري ڪڪر هيٺ“ ڪتاب لکي، پوري سنڌ جي پوتارڪي ڪلچر کي جهڙي طريقي سان ظاهر ڪيو هو، اهڙي ئي طريقي سان سندس شهر دادوءَ سان تعلق رکندڙ بي باڪ شاعر علي محمد ”درد“ سولنگي پڻ پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي پوتارن جي اهڙي گندي سوچ کي ظاهر ڪري، عوام کي جيڪو پيغام ڏنو آهي، اُهو اڳتي هلي صدين جي تاريخ جو حصو بڻبو. اهڙي حصي جو حصيدار يقينن علي محمد ”درد“ سولنگي هوندو، جنهن کي تاريخ ۾ ڪو بہ ميساري نہ ٿو سگهي.

**نجم سُرهيو**
ڪائونسلر
سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو
16 آڪٽوبرر 2022ع

# فيس بوڪ فرينڊ

سوشل ميڊيا بہ ڪمال آهي، ڪٿان ڪان ڪٿي تا اچي ماڻهو ملن، سڄي دنيا جا ماڻهو پل ۾ دوست ٿيو وڃن. ائين مون سان جڙيل دوست جيڪو سنو شاعر، سنو نثر نويس، اوتروئي پاڻ سونهن ۽ سوڀيا جو مالڪ پڻ آهي. سائين جي مهربانين سان پوسٽ رستي موڪليل ڪتاب: 1. ”هنڌان هنڌان جهير“ (ڊائري جا ورق) 2. ”قلم جنين جي هٿ ۾“ (خاڪا) سنڌ جي تخليقڪارن جا جو تعارف سهيڙي جنهن کي ڪتابي شڪل ڏيئي وڏو ڪم ڪيو آهي. 3. ”وڇائجي ويل رنگن جو احساس“ (نثري نظم) مون تائين پهتا. انهن ڪتابن جو خالق پيارو علي محمد ”درد“ سولنگي. درد سولنگي سان منهنجي ڪابہ روبرو ملاقات ڪانہ آهي، پر علمي ادبي سڃاڻپ جي ڪري اسين گهرا دوست آهيون. ”درد“ سولنگي ادبي ڪيتر ۾ پاڻ ملهايو آهي. صرف لکيو ڪونهي پر ان مواد کي ڪتابي شڪل ڏيئي ۽ ڇپائي پڙهندڙن تائين پهچايو آهي. درد جي شاعري ۾ درد آهي، پيڙا آهي، سندس شاعري ۾ ڌرتي جو درد آهي ۽ سنڌ ۽ سنڌي مارن جي محبت نمايان آهي. درد جا جتي غزل خوبصورت آهن اتي نثري نظم بہ ڪمال آهن.

اچو تہ هي نثري نظم پڙهون:

تون پنهنجي مٿان
نڇاور ٿيل
گلن کي لتاڙيندي
اڳتي وڌندي ٿي وڃين

۽ آئون
تنهنجي پيرن هينان چيپاٽيل
گُلن، پتين
۽ پوءِ پنهنجي دل ڏانهن ڏسان ٿو
۽ سوچيان ٿو
ڇا
نڇاور ٿيڻ وارن جو
اهوئي مقدر آهي.

هن نثري نظم ۾ ”درد“ لکي ٿو ته جيڪي ٻين مٿان پاڻ گهوري ڇڏيندا آهن ۽ نڇاور ٿيندا آهن، انهن جو نصيب انهن نڇاور ٿيل گلن جيان هوندو آهي. ڪجھ وقت لاءِ اهي گل وڏي احترام سان رکيا ويندا آهن پر جڏهن نڇاور ٿيندا آهن ته پوءِ عام ماڻهن جي پيرن هيٺان پيا لتاڙبا آهن.

بحر حال علي محمد ”درد“ سولنگي ادبي ڪيتر ۾ گهڻو پورهيو ڪيو آهي، ”درد“ سولنگي جتي درد جي ڳالھ ڪري ٿو، محبت ۽ پيار جي ڳالھ ڪري ٿو، ان سان گڏو گڏ ڌرتيءَ جي رنگن جي ڳالھ ڪري ٿو ۽ درد هي نرم دل انسان ڪنهن جا درد ڏک ڪونه ٿو سهي سگهي، تازو سنڌ ۾ آيل طوفاني برساتن ۽ انهن برساتن جي ڪري دربدر ٿيندڙ سنڌي ماڻهو جن جا فصل اجها به اجڙي ويا، مارو ويچارا گهر ڪان بي گهر ٿي ويا، ڪيتريون جانيون ضايع ٿي ويون، ڪيترا معصوم ماڻهو ٻڏي مري ويا، ڪيترا معصوم ماڻهو بيماري وگهي هي دنيا ڇڏي ويا، سنڌ حڪومت ۽ سنڌي وڏيرن پنهنجون ملڪيتون بَچائڻ لاءِ پاڻيءَ جو رخ موڙي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن کي ٻوڙائي ڇڏيو. جيڪي لاوارث سنڌي جن جو ڪوبه والي وارث ڪونه هو.

"درد" سولنگي ٻوڏ ۽ برسات ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن تي ڪڙڪي پيل عذاب تي شاعري ڪئي آهي، درد سولنگي جون وايون ان سڀي تباهي جي عڪاسي ڪن ٿيون.

لاشَ ملن ٿا پيا،
جيئن جيئن پاڻي ٿو لهي.
نڪريو اڇن ٿا اوچتو،
نانگ ڏنگن ٿا پيا.
جيئن جيئن پاڻي ٿو لهي.

شاعري ۾ مطالعو ۽ مشاهدو شاعري جي سونهن ٿيندا آهن، هي درد جو مشاهدو آهي، پاڻي ۾ پيدا ٿيندڙ نانگ بلائون ۽ زهريلا جيت جن جي ڏنگڻ سان ڪيتريون معصوم جانيون ضايع ٿيون آهن.

هاءِ هاءِ
هي خيال ڏسو:

هڪ ننڍڙو نينگر،
ٽرڪ لتاڙي وئي هلي .
ٻوڏ منجهان آيو بچي،
هاءِ اهو ڪونڌر.
ٽرڪ لتاڙي وَئي هَلي.
هن ڪيفيت کي پڙهو

سڪ سان ڪيئن سمهان،
هر هر ننڊ منجهان.
ڇرڪ ڀري اٿيو پوان.

پاڻي ئي پاڻي رڳو،
لڙهندي لاش ڏسان.
چرڪ پري اٿيو پوان.

درد جي دل ۾ ايڏو درد آهي، مون کي لڳي ٿو تہ درد سولنگي جو وقت صرف ماروئڙن جي تڪليفن تي لکڻ لاءِ وقف آهي.

منهنجي دعا آهي تہ علي محمد ”درد“ سولنگي آباد هجي ۽ مارن جي اهِنجَن ۽ آزارن بابت آواز اٿاريندو رهي.

**امين زرداري**
03003226929

# سنڌ ۽ سماج جو درد رکندڙ ”شاعر“

علي محمد ”درد“ سولنگي سنڌي ٻوليءَ جو اهو سهڻو، پڪو، پختو قلمڪار آهي، جنهن جون لکڻيون محبوب جي ماڻِڻ جيان هر عاشق دل کي ڏاڍن جي پوک مان اٿندڙ خوشبوءَ سان جهڳ جي دلين کي سيراب ڪن ٿيون.

علي محمد ”درد“ سولنگي نه رڳو سگهارو شاعر آهي، پر شخصي طور تي به پنهنجي شهر دادوءَ جي دل ۾ ڌڙڪن جيان رهڻ جو فن پڻ ڄاڻيندو آهي. سندس قلم جي نوڪ مان سرجيل شاعري يا نثري ڪا تخليق پاڻ ڳالهائيندي آهي، علي محمد ”درد“ سولنگي جي تَخليقُن ۾ عشق، محبت، پيار، نهنائي، نياز، نوڙت، پنهنجائپ به هوندي آهي ته، مزاحمت، بغاوت ۽ تبديلي به هوندي آهي، سندس شاعري قديم ۽ جديد شاعريءَ جو هڪ گڏيل خوبصورت سنگم هوندي آهي، سندس لکڻيون جديديت جي احاطي ۾ به اچن ٿيون. ته عام ماڻهوءَ جي مقبوليت واري پلاٽ ۾ به فٽ آهن. علي محمد ”درد“ سولنگيءَ جي ڪِرتائن ۾ نه رڳو لفظن جي جڙاوت هوندي آهي، پر انهن ۾ فن، فڪر، فلسفي جا ڪُوَرا مَٺ پريل هوندا آهن. جنهن ۾ سماج جا مسئلا ۽ انهن جو حل به عوامي ٻوليءَ ۾ ڏسيل هوندو آهي. علي محمد ”درد“ سولنگي پنهنجي گذريل حياتيءَ ۾ مايوس به رهيو آهي، پر هِن ڪڏهن همت ناهي هاري، سدائين جرئت ۽ قلم جي طاقت سان سنڌ ۽ سندين سان ماتيجي ماءُ وارو سلوڪ ڪندڙن کي پنهنجي مزاحمتي تخليقن ذريعي جواب به ڏنو آهي ته نديو به آهي. علي محمد ”درد“ سولنگي سنڌي ادب کي 12

(ٻارنهن) ڪتاب نظم توڙي نثر ۾ ارپي چڪو آهي. سندس هي تيرهون ڪتاب ”منهنجي سنڌي لڙهي وئي“ جيڪو هن سال آيل هٽرادو ٻوڏ ذريعي سنڌ ۾ تيل قيامت جهڙن منظرن تي آڌاريل آهي.

ڪنهن جو وَر ڪنهنجي ونيءِ
ڪنهن جيجل ماءُ
لوڙهي ٻوڙي ٻوڏ وئي.
(درد)

***

خيرپور ناٿن شاهه
نقشو ئي مَٽجي ويو
پلٽي پيو هو شهر ڏي.
چڙ سنڌو درياهه
نقشو ئي مَٽي ويو.
(درد)

***

علي محمد ”درد“ سولنگي هڪ درد رکندڙ شاعر آهي. جيڪو ڏسي ٿو، پسي ٿو، ان کي قلمبند ڪري ٿو. مون کي اميد آهي ته سندس واين جو هي ڪتاب ”منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي“ اڳين ڪتابن جيان ادبي کيتر ۾ ضرور مڃتا ماڻيندو ۽ ادب جي آڪاس تي جوڳي جاءِ جوڙيندو.

**محبتي ملاح**
**ڏيپارجا**

# ڏاهو ڏات ڌڻي

مڪڙيون ٽڙي جڏهن گل جي شڪل اختيار ڪري وٺنديون آهن، تڏهن اهي گُلَ ڀَنئور ۽ پوپٽن سميت باذوق ماڻهن جي نظر جو به مرڪز بنجي وڃن ٿا.

ڪلا جڏهن ڪنهن ڪلاڪار جي من مان نڪري نکرجي نروار ٿيندي آهي ته عام ماڻهوءَ جي روح جو آواز بنجي گونجي اٿندي آهي.

چوندا آهن ته ليکاري بڻجڻ لاءِ مطالعي جي سخت ضرورت هوندي آهي، شايد ان ڪري جو ليکڪ کي پنهنجي لکڻين کي جاندار بنائڻ لاءِ حوالا ڏيڻ جي ضرورت پوندي آهي، ڪنهن قدر اهو درست به آهي، پر مان سمجهان ٿو ته جيستائين ڪنهن ليکاريءَ ۾ مضبوط مشاهدو ناهي تيستائين هو پنهنجي ڪنهن به لکڻيءَ ۾ جانِ نه ٿو وجهي سگهي.

ڏات ڏاتار طرفان عطا ٿيندڙ تحفو آهي ۽ ڏاتار هر ڪنهن تي راضي به ناهي ٿيندو ۽ جنهن تي راضي ٿي وجي ته ان کي ”ڏات ڌڻي“ بڻائي ڇڏي ٿو.

علي محمد المعروف درد سولنگي کي ڏاتار ڏات ڌڻي بڻائي دنيا آڏو اهو ظاهر ڪيو ته هو مٿس راضي آهي. اُن ربِ ڪائنات هن هڪ شخص کي گهڻ رخو بنائي ڪيترين ئي شخصيتن جو مالڪ بنائي ڇڏيو.

علي محمد جڏهن ٻارن لاءِ لکڻ وينو ته ٻار بنجي ويو، نوجوانن لاءِ لکڻ شروع ڪيائين ته انهن جي دلين جو ترجمان

ٻڌجي ويو. هن جنهن بہ عنوان کي هٿ ۾ کنيو، ان سان ڀرپور نباهہ ڪيو.

مون کي چيو ويو تہ مان سندس هن تيرهين ڪتاب ”منهنجي سنڌ لڙهي ويئي“ ۾ شامل شاعريءَ تي بہ اکر لکان، هن گهڻ رخي شخصيت تي لکڻ منهنجي لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ ناهي پر ساڳي وقت بہ اکر لکڻ بہ ممڪن نہ ٿو ڀانيان، ڇو تہ جيڪو هڪ شخص ڪيترين ئي شخصيتن جو مالڪ هجي ان جو خاڪو بہ اکرن ۾ تيار ڪرڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو.

علي محمد جو واين تي مشتمل مجموعو بہ اڳين ڪتابن جيئان منفرد آهي، جنهن ۾ شامل واين ۾ علي محمد پنهنجي ڌرتيءَ جي اهنجن کي پنهنجن خوبصورت لفظن جي مالها ۾ پوئي ڪتابي هار جي شڪل ڏئي اسان کي ناياب تحفو ڏنو آهي.

ڪيڏي نہ جيءُ جهوريندڙ منظرڪشي آهي:

هَئہ هئہ منهنجو هانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏ آ.
گهر م جيڪو ڪجهہ هيو،
انُ، گُندِي ۽ ٽانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏ آ.
رتيل هو هن ماهہ ۾،
پٽ سندو تہ وِهانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏ آ.
پِٽِ تي لنوندو هو اچي،
ڪَان ڪَان ڪندڙ ڪانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏ آ.

ڪو نہ رهيو آهي ڪٿي،
فصلن نالو نانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏ آ.

.٢
من من ۾ ماتم،
خوشيون لُڙهيون ٻوڏ ۾.
سنڌ سڄي ٿي ڪربلا،
موٽيو جڻ محرم.
خوشيون لُڙهيون ٻوڏ ۾.
ٿهڪ ٽڙڻ بند ٿي ويا،
هر ڪا اک آ نم.
خوشيون لُڙهيون ٻوڏ ۾.
ڳوڙها ڳوڙها ڳالهيون،
هر ڪنهن سان ڳڏ غم.
خوشيون لُڙهيون ٻوڏ ۾.

٢٠٢٢ع واري برساتي ٻوڏ کان پوءِ پيدا ٿيل ڀيانڪ صورتحال ۾ مارو‍ئڙن جي پيڙائن کي محسوس ڪندي علي محمد واين جو روپ ڌئي پنهنجي ذات ڏٺي هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي.

**رضوان ڪابورو**
حيدرآباد

**پنهنجي پاران:**

# ڇا لکي ڇا لکان...!؟

سنڌ ڌرتي صدين کان ٻوڏيو آهي، ٻوڏبندي پئي اچي ۽ شايد ٻوڏبندي رهندي. (جيڪڏهن اسان اجا بہ سجاڳ نہ ٿياسين تہ....!)

سنڌ کي ڌارين تہ نقصان رسايو ئي رسايو آهي پر پنهنجن بہ هن کي الاهي سارو ايذايو ۽ ڏاڍو نقصان پهچايو آهي. سنڌ کي لٽيندڙ ڌاڙن تي، ڌارين سان گڏ پنهنجا بہ اڳيرا رهيا آهن.

”مون پڪ سڃاتا پنهنجا هُئا،
ڪي ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾.“

سنڌ کي مالِ غنيمت سمجهي، هر ڪنهن اُن مان پنهنجو حصو پَتِي ورتو آهي، جنهن کي جتان هٿ آيو اُن اُتان ڪيس لُٽيو آهي.

2010ع جي مها ٻوڏ، هُجي يا ٻارنهن سالن کان پوءِ 2022ع جي ٻوڏ، برسات! سنڌ کي ايترو نقصان دريائي ٻوڏِ نہ رَسايو، جيترو نقصان برساتي پاڻي/برساتي ٻوڏ رَسايو. غلط پلاننگ ۽ پنهنجا نوازي سبب سموري سنڌ پاڻي پاڻي ٿي ويئي. قدرتي لنگهن کي بند ڪري غيرفطري لنگهہ ناهڻ ڪري نہ ٻڏندڙ شهر بہ ٻڏي ويا ۽ انهن ڳوٺن ۽ شهرن جي ٻُڏڻ سان جيڪي اذيتون اتان جي اِنسانن کي رَسيون انهن جو ازالو، ڪو تدارڪ نہ ٿيو.

الاهي سارن المناڪ المين جنم ورتو، الاهي سارا انسان گهرن کان بي گهر ٿيا، انهن جا اجها، ٻچا، ڍڳا ڍور انهيءَ هٽرادو ٻوڏ ۾ لڙهي ويا، انهن کان اتو. لٽو ۽ اجهو تہ ڪسجي ويو پر انهن کان انهن جون اميدون، آشائون ۽ مستقبل جا سندر سپنا پڻ اِن ٻوڏ ۾ ٻُڏي ويا. ڏيندڙ هٿ، پنندڙ هٿ بڻجي ويا، جن جي گهرن ۽ درن تان ڪڏهن ڪو سوالي خالي نہ موٽيو، اهي پاڻ خالي هٿين سوالي بڻجي ويا. جن نياڻين در کان ٻاهر ليئو نہ پاتو، اهي اگهاڙي

مٽي، اگهاڙي پيرين روڄڻ، رستن تي ڊڪندي، ڳوڙها ڳاڙيندي رئندي نظر آيون. ٻار ٻڪ ۾ اُڃ ۾ پاهه، تڙپڻ، لُڇڻ ۾ مرڻ لڳا. ڪين پيارڻ لاءِ ڪير ته ڇا پر صاف پاڻي به مُيسر نه هيو. بيمارين جو مُنهن ڪڍيو ته اسپتالون پرجي ويون، پر علاج لاءِ اتي به ڪو جوڳو بندوبست نه هُيو.

پَرِيَلنِ جا وري وري پيپ پريا پئي ويا، پر روڊ ڪناري رلي ٿنگي وينل ٻوڏ متاثرن جي واهر ئي ڪانه ٿي، اُهي هڪ ويلي لاءِ رُلندا رئندا ۽ رڙندا رهيا، پر ڪنهن جي ڪن تي ڪا جونءِ به ڪانه سُري. اهي سڀُ حقيقتون/اذيتون اکين آڏو آيون ته حساس دل رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي، سيني مان سڏڪن جا سمنڊ ۽ اکين مان آبشار وهي/ڦٽي نڪتا. بي اختيار ڪاغذ ۽ قلم کڻي انهن سورن کي سِٽن ۾ سموئڻ لڳس. جيئن ڏٺم، جيئن محسوس ڪيم، بغير ڪنهن رک رکاءُ ۽ وڌاءُ جي ان کي ايئن لکي ورتم. ايئن پئي محسوس ڪيم اهو لڙهندڙ لاش منهنجو لاش هجي، اهو ڪرندڙ گهر، منهنجو گهر هيو. اها روئندڙ ماءُ منهنجي ماءُ هئي. اهو سڀ مون سان ٿيو آهي. اهو سڀ منهنجو درد آهي. اهو سڀُ مون ڀوڳيو آهي. ڪيترين راتيون منهنجي ننڊ ڦٽل رهي، مان ڇرڪ ڀري اُٿي ويهندو، روئندو ۽ لکندو رهندو هيس.

مون لکڻ لاءِ وزن بحر تي به ڌيان نه ڏنو، بس ان درد ۾ انهن ڪيفيتن ۾ ديس واسين جي درد کي قلمبند ڪرڻ ۾ روح کي رسيل رهندڙ ۾ رهڙن کي رقم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهيُس، ڪيترو ڪامياب ويس اهو ته اوهان پڙهندڙ ئي بهتر ٻڌائي سگهو ٿا، باقي مون ديس واسين جي دانهن ۽ دردن کي شَعِرَنِ/ واين جي شڪل/صورت ۾ سموئڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي ۽ هي سَڀُ لکڻ ايترو آسان به نه هيو. پيڙائن جون ڪيترين ئي پُلصراطون پار ڪرڻيون پيون

”هڪ قلم هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان؟
چا لکي چا لکان؟ چا لکي چا لکان؟“
(بيوس)

ڪتي ڪتي تہ لکڻ لاءِ لفظ ئي نہ ٿي مليا، ها پر لڙڪ هُيا جيڪي وهندا رهيا. آئون مسلسل سوچيندو رهيس تہ ڪراچيءَ کان ڪي اين شاهہ موٽندڙ ٻوڏ متاثرن جي بس سان ٿيل سانحي تي لکان ليڪن مون کان سٽ بہ نہ ٿي سرجي. ان سانحي تي دل جي ڌرتي ئي ڏُبي ويئي. ڳوڙها ڳڙندا رهيا، لُڙڪ ٽمندا رهيا، نيڻ وسندا رهيا پر هيءَ درد ڪتا لکجي نہ سگهي.

پر جيڪو لکيم، جيئن لکيم اهو اوهان پڙهندڙن تائين پهچائڻ ۽ ان کي تاريخ جو حصو بڻائڻ جو سوچيم.

آئون ٿورائتو آهيان مرڪ پبليڪيشن ڪراچيءَ جي سرواڻ مرتضيٰ لغاريءَ ۽ سعيد مرتضيٰ لغاريءَ جن جو، جِن هن ڪتاب کي پنهنجي اداري پاران ڇپرائي اوهان پڙهندڙن تائين پهچايو. گڏوگڏ ٿورائتو آهيان، محترم رضا لانگاهہ جو جنهن هن ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏيڻ جي مهرباني ڪئي. احسانمند آهيان ادي خوشبوءِ بلوچ، فهميده شرف بلوچ، صبا شاهہ، نجم سرهيو، عمران سومرو، ڪونج بلوچ، امين زرداري، رضوان ڪابُورو ۽ محبتي ملاح جو، جن پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ منهنجي شاعريءَ/ ڪتاب تي پنهنجا ويچار ونديا.

شڪر گذار آهيان ياءُ انجنيئر عزيز رانجهاڻيءَ جو جنهن بئڪ ٽائيٽل لکي ڏيڻ جي مهرباني ڪئي. ڪروڙين قرب ادا اقبال بلوچ ۽ ادي شائستہ آرزو گجر جا جن فليپ لاءِ پنهنجن تحريرن سان نوازيو. ڪتاب بابت اوهان پڙهندڙن جي راءِ جو انتظار رهندو.

**علي محمد ”درد“ سولنگي**
03013459545
03322795990

# ادب جو متحرڪ نانءُ

اها قوم ۽ ٻولي ڪڏهن ٻه ميسارجي نه ٿي سگهي، جنهن ادب ۾ ليکاري وافر مقدار ۾ موجود هُجن. اسان جو سنڌي ادب پڻ اديبن سان مالا مال آهي.

علي محمد درد سولنگي سنڌي ادب جو اُهو متحرڪ نانءُ آهي، جنهن جو قلم پڻ سندس طبيعت وانگر هميشه ڪجهه ڏيڻ وارو رهيو آهي ۽ وقت بوقت سنڌي ادب جي جهول ۾ پنهنجو قلمي پورهيو شامل ڪندو رهيو آهي. شاعري سندس پسنديده مشغلو رهيو آهي، پوءِ اها ٻاراڻي شاعري هُجي، عشقيه شاعري هجي يا قومي شاعري.

علي محمد شاعريءَ جي سيني صنفُن تي خوبُ پاڻ نيايو آهي، نثر تي پڻ ڪيس سُٺي دسترس رهي آهي، هينئر تائين مُختلف صنفن تي سندس ٻارنهن عدد ڪتاب ڇپجي ادب جي زينت بڻجي چڪا آهن، جن جي بهترين موٽ ڪان پوءِ سندس تيرهون ڪتاب ”منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي“ اوهان جي هٿن ۾ آهي، سندس هيءَ ڪتابُ شاعريءَ جي نج سنڌي صنف ”وائي“ تي مشتمل آهي. واين تي سندس هي پهريون مڪمل مجموعو آهي.

**عمران سومرو**
سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو

# وايون

ڪاري ڪهري راتِ،
مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.
پاٽي گهرَنِ آيو گِهڙِي،
ساهہَ سَپِن سڪراتِ.
مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.
نِڪرو پنهنجا سِر وَٺي،
وائي هر ڪنهن واتِ.
مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.
اوهي واهي ڪونہ ڪو،
سُڏڪي پيا جذباتِ.
مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.
اَلهہُ تَلَهہُ هليو وَيو،
پِرهہَ ڦُٽي پرياتِ.
مَحشرَ جو مَنظَرُ هُيو.

❖

ڳالهه اِها چوڏارَ،
هَٿَ سان ٻوڙايو اَٿنِ.
هيءَ ڪا آفتَ ڪانہ هُئي،
پاڻِيءَ جي يلغارَ.
هَٿَ سان ٻوڙايو اَٿنِ.
جاتان ڪاتان ڪَٿَ ڏئي،
وينا هِي ڪمدارَ.
هَٿَ سان ٻوڙايو اَٿنِ.
بُک اُڃَ ۽ بيماريُون،
واسينگن جا وارَ.
هَٿَ سان ٻوڙايو اَٿنِ.
مُفلسِ، نادارَنِ سَندي،
ڪانہ لڌائون سارَ.
هَٿَ سان ٻوڙايو اَٿنِ.

❖

هاڻي جو هاڻي،
نِڪرو ناٿن شاهہَ مان.
ڏوڪيندو پيو ٿو اچي،
پاڻي ڙي پاڻي.
نِڪرو ناٿن شاهہَ مان.
خطرو خُدا واهہ ڪان،
راڻا، اوراڻي!
نِڪرو ناٿن شاهہَ مان.
اَلرٿُ آڏيءَ راتِ جو،
خلقتَ ويڳاڻي.
نِڪرو ناٿن شاهہَ مان.
ٻوڙِيائون ٻيهر وَري،
ڄاڻي ۽ واڻي.
نِڪرو ناٿن شاهہَ مان.

❖

* ناٿن شاهہ= خيرپور ناٿن شاهہ.

هَتراڏو ڏئي ڪَٽ،
ٻوڙي ڇَڏِيُنِ سنڌُ کي.
ڦودني ۾ کو ڦيرُ هو،
يا کوٽا هئا وٽ.
ٻوڙي ڇَڏِيُنِ سنڌُ کي.
ڪانءَ رَهي آهي ڪِٿي،
ڪائي حڪومتي رِٽ.
ٻوڙي ڇَڏِيُنِ سنڌُ کي.
بيمارين گهيري وَتو،
جِسمُ سَڄو ئي ڦٽ.
ٻوڙي ڇَڏِيُنِ سنڌُ کي.
ڳوٺن ۽ شهرن سندا،
گهَر ڍَهِي ٿِيا پَٽ.
ٻوڙي ڇَڏِيُنِ سنڌُ کي.
ٻاڪارن ٽا ٻارُ پيا،
ٻڪرِيُنِ ۾ ٻيڪَٽ.
ٻوڙي ڇَڏِيُنِ سنڌُ کي.

❖

ڪِين چڏي تِن هوڏ.
ٻوڙايائون سِنڌُ کي.
ٽوپي، اجرڪ ويو لڙهي،
ٻَچي ٻُت تي گوڏ.
ٻوڙايائون سِنڌُ کي.
پُوري پلاننگ سان،
آندائون هي ٻوڏ.
ٻوڙايائون سِنڌُ کي.
هيرا سڏجنِ سي پيا،
جي مِٽيءَ جا ڪوڏ.
ٻوڙايائون سِنڌُ کي.

❖

ھيڏي ھَٿ ڏرمِي.
ٻوڙايائون سِنڌُ کي.
آندائون ھي اوچتي،
آفت- بي شرمي.
ٻوڙايائون سِنڌُ کي.
تَرِسايائون روڊ تي،
ڪيڏي آ گرمي!؟
ٻوڙايائون سِنڌُ کي.
وارث آھيون سنڌ جا،
ناھيون ڪي برمي.
ٻوڙايائون سِنڌُ کي.

❖

* برمِي= برمي پناھگير.

يانَ، بَدِينِ، جُهڏو،
ساري سنڌ ٻُڏي وَيَئي.
وارهہ، ميهڙ، ڏوڪري،
* ڪي اين شاهہ، ٿَٽو.
ساري سنڌ ٻُڏي ويئي.
نوشهرو، مورو، مَچرُ،
هر هڪ شهر ٻُڏو.
ساري سنڌ ٻُڏي ويئي.
ڪاهِي، سجاول، هاڪڙو،
ڪاڇو ۽ تہ ڪڇو.
ساري سنڌ ٻُڏي ويئي.
لُڙهندڙ لاشن کي ڏسي،
آيُنِ ڪين جهُبو.
ساري سنڌ ٻُڏي ويئي.
شهر، نہ هِڪڙو ڳوٺ ڪو،
جيڪر سَچ پُڇو.
ساري سنڌ ٻُڏي ويئي.

❖

* ڪي اين شاهہ = خيرپور ناٿن شاهہ.

هَئِ هَئِ منهنجو گهرُ،
هَنڌان هنڌان پيو ڏَري.
پِتِيُن چِتِيُن ساڱُ گڏُ،
مُنهِنجو هي اَندرُ.
هَنڌان هنڌان پيو ڏَري.
قَرضُ کٽي، قسطون کري،
نهرايو هو پَرُ.
هَنڌان هنڌان پيو ڏَري.
اهڙيون برساتون پيون،
چِتِ وارو آگُرُ.
هَنڌان هنڌان پيو ڏَري.

❖

ڏارون ڏُئِي ۽ ڏارَ
منهنجو گهر ڊهي پيو.
برساتون، هيلوڪيون،
قيامت جا آثارَ.
منهنجو گهر ڊهي پيو.
چارِ ڏهاڙا مِينهُن هو،
وَسيو تارو تارَ.
منهنجو گهر ڊهي پيو.
اڳُ ئي غربت هُئي گهٽِي،
ويتَرِ هي آزارَ،
منهنجو گهر ڊهي پيو.
خِيمو ۽ نہ کَلي مِلي،
اُسَ ۾، بک ۾ بارَ.
منهنجو گهر ڊهي پيو.

❖

بَچِيو ڪُجھ ڀي ڪونہَ.
سارو ڪُجھ لُڙهي ويو.
ٽانوَ ٽِپا، ڪپڙو اَجهو،
مالُ متاعُ رهيو نہَ.
سارو ڪُجھ لُڙهي ويو.
ڏاجو پُٽَ ۽ ڌِيءُ جو،
هِنڌ، وهاڻا، سونَ.
سارو ڪُجھ لُڙهي ويو.
آهُون ۽ دانهون ڪري،
روئان آئون ڇو نہَ؟
سارو ڪُجھ لُڙهي ويو.
سالن تائين سڄُ پڇو،
هاڻي هِي نهندو نہَ.
سارو ڪُجھ لُڙهي ويو.

❖

هَئه هَئه مُنهنجو هانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏِ آ.
گهَر ۾ جيڪو ڪُجھ هيو،
اَنُ، گُندي ۽ ٿانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏِ آ.
رِلهيل هو هن ماهَه ۾،
پُٺَ سندو تہ وهانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏِ آ.
پِٽِ تي لوندو هو اچي،
ڪان ڪان ڪَندَڙُ ڪانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏِ آ.
ڪونہ رهيو آهي ڪٿي،
فصلنِ نالو نانءُ.
ٻوڙي ڇڏيو ٻوڏِ آ.

❖

مَنَ مَنَ ۾ ماتَمُ.

خُوشيون لُڙهيون ٻوڏِ ۾.

سِنڌُ سڄي تي ڪربلاءِ

موٽيو چڻ محرم.

خُوشيون لُڙهيون ٻوڏِ ۾.

ٿهڪ ٽِڙڻ بند ٿي وياءِ

هرِڪا اکِ آ نَمُ.

خُوشيون لُڙهيون ٻوڏِ ۾.

ڳوڙها ڳوڙها ڳالهيونءِ

هر ڪنهن سان گڏ غَمُ.

خُوشيون لُڙهيون ٻوڏِ ۾.

❖

هيءَ نہ هئي آفتَ.
هَٿَ سان ڦهِري ڪَٽَ لڳا.
نِندَ سُتَلَ مارونڙنِ،
ساڻُ ڪَيَنِ حالتَ.
هَٿَ سان ڦهِري ڪَٽَ لڳا.
جي نہ هُئا ٻُڍڙا، ٻُڍا،
ڪا تہ هُئي طاقت.
هَٿَ سان ڦهِري ڪَٽَ لڳا.
مولا! مِسڪينن سَنڌي،
توکي آ پارتَ.
هَٿَ سان ڦهِري ڪَٽَ لڳا.

❖

او منهنجا الله!

ٻوڏِ صفا ٻوڙي ڇڏيو.

ڪونهي ساهُ سَرير ۾،

بارِي بيپرواهہَ!

ٻوڏِ صفا ٻوڙي ڇڏيو.

ٿوڳي ناهن ٿا پيا،

روزُ نڳيءَ جا ناهہَ.

ٻوڏِ صفا ٻوڙي ڇڏيو.

مهنگائي آهن صفا،

ڪوٺي ڪيڏيا لاهہَ.

ٻوڏِ صفا ٻوڙي ڇڏيو.

❖

ڪوُڪُون ۽ ڪيهاڪَ.
مُنهنجي سنڌُ لُڙهي ويئِي.
تَڙِپَنِ ٻُڪ ۾ جانور،
ٻڪريُن ۾ ٻيڪاڪَ.
مُنهنجي سنڌُ لُڙهي ويئِي.
پاڻيءَ ڍُڪَ ۽ ڪير لئِه،
ٻارنِ ۾ ٻرِ ڙَاڪَ.
مُنهنجي سنڌُ لُڙهي ويئِي.
آڌيءَ ڌاري اوچتو،
پاڻيءَ جا ڪڙڪاڪَ.
مُنهنجي سنڌُ لُڙهي ويئِي.
بيوس ۽ لاچار ٿي،
چِڙيائون گهر گهاڪَ.
مُنهنجي سنڌُ لُڙهي ويئِي.
مارو منهنجي سنڌ جا،
وينل هر هِڪَ واڪَ.
مُنهنجي سنڌُ لُڙهي ويئِي.

❖

چولِيُن ۾ چَرَ ۾،
بيڙِي اُونڌي تي پَئِي.
پَريَل ماڻهن ساڻُ هُئِي،
هَئہ هئہ منجَرَ ۾.
بيڙِي اُونڌي تي پَئِي.
ڪيئي لال لُڙهي ويا،
ماتمُ گهَر گهَر ۾.
بيڙِي اُونڌي تي پَئِي.
ٻوڏِ! ٻُڏي تون شَل مرين!
پنهنجي ئي پگهر ۾.
بيڙِي اُونڌي تي پَئِي.

❖

ٻُڏي وَيو *گوزو،
** ڏُلفي ٻي گهر ڻي ويو.
پاڻي بلوچستانَ جو،
لُڙهي ويو گوزو.
ڏُلفي ٻي گهر ڻي ويو.
ڄڻ ڪو آيو زلزلو،
ڏُڏي ويو گوزو.
ڏُلفي ٻي گهر ڻي ويو.
رينهون، راڙو روڄُ هو،
لُڇي ويو گوزو.
ڏُلفي ٻي گهر ڻي ويو.

❖

* گوزو= تعلقي خيرپورناٿن شاهه جو هڪ ڳوٺ
** ذلفي= سنڌ جو ناميارو شاعر ذوالفقار علي ’ذلفي‘ گاڏهي

خيرپور ناٿن شاهہ.

نقشو ئي مَٽجي ويو.

ريهون، ڪيهون، لڏپلاڻ،

سُڪيو ماڻهن ساهہ.

نقشو ئي مَٽجي ويو.

پلٽي پيو هو شهر ڏي،

جَڻَ سنڌو درياهہ.

نقشو ئي مَٽجي ويو.

هر ڪنهن کي پنهنجي لڳي،

وقتُ هيو بيگاهہ.

نقشو ئي مَٽجي ويو.

❖

بيوسِ ۽ لاچارُ،

رَستن تي پيا ٿا رَهُون.

حالت کان مجبورُ ٿي،

ٽَنگَ وَٽِي نروارُ.

رَستن تي پيا ٿا رَهُون.

وينا ناهيون شوقَ سان،

ايئن ڇڏي گهُر ٻارُ.

رَستن تي پيا ٿا رَهُون.

گهر سارا ويڙا لڙهي،

اهڙو اندوڪارُ.

رَستن تي پيا ٿا رَهُون.

ڪا بہ سهولت ڪانہ آ،

سَڀُ ياتي بيمارُ.

رَستن تي پيا ٿا رَهُون.

❖

ٽيلها ڇو ٽا ڏيو،
فقِيرَ تہ ناهيون.
هيڏي هوڏي پيا،
دربدر ٽا ڪيو.
فقِيرَ تہ ناهيون.
ٻنيون ٻارا هيا،
ڳوٺُ پنهنجو هيو.
فقِيرَ تہ ناهيون.
پنهنجي اوطاق تان،
ڪو، نہ ٻُڪيو ويو.
فقِيرَ تہ ناهيون.
هي اسان ساڻ آ،
ڇا منجهان ڇا ٿيو!؟
فقِيرَ تہ ناهيون.

❖

اُڇلي ڇو تا ڏيو!؟
اَسان بہِ اِنسانَ هُون.
واسطي اَلَهہَ جي،
ٿورڙو سوچيو.
اَسان بہِ اِنسانَ هُون.
ٻوڏ جا هُون ٻُڏل،
پاڻ وٽ سڀُ هيو.
اَسان بہِ اِنسانَ هُون.
هينئن هِتِ دَربدر،
آهي قسمت ڪيو.
اَسان بہِ اِنسانَ هُون.

❖

لَتُون هَنيائون.
مانِيءَ ٻِيي جي لَئِہ.
ماروئڙن کي،
پينو چيائون.
مانِيءَ ٻِيي جي لَئِہ.
بِنا ڏَسِڻَ جي،
پاٽي پڳائون.
مانِيءَ ٻِيي جي لَئِہ.
هاءِ! اَسان سان،
ڪيڏِي ڪَيائُون.
مانِيءَ ٻِيي جي لَئِہ.

❖

لِيڙون لِيڙون لَٽا.
ٻوڏِ متاثر ٻارڙا.
گوڏِ بدران اَٽنِ،
پَهرِيل ڏِسُ ڪَٽا.
ٻوڏِ متاثر ٻارڙا.
روزُ امدادَ جاءِ
آسرا ۽ ڏَٽا.
ٻوڏِ متاثر ٻارڙا.
هاءِ! ڏئي ويو اَٽن،
ٻُک تي مُنهُن پَٽا.
ٻوڏِ متاثر ٻارڙا.

❖

پاڻي گهُريو مانسِ.
تڦڙُ وَهائي ڪيائين.
مانيءَ جي هِڪ گِرهہُ لئہِ،
جهولُ بہ جَهليو مانسِ.
تڦڙُ وَهائي ڪيائين.
ٻُڪيو ننڍڙو ٻاءَ آ،
ڏُک مان ڏَسِيو مانسِ.
تڦڙُ وَهائي ڪيائين.
مٿي تان لاهي رَئو،
پيرنِ رَکيو مانسِ.
تڦڙُ وَهائي ڪيائين.
آيو ڪارِي ڪارِ تي،
سُڏڪي سَڏِيو مانسِ.
تڦڙُ وَهائي ڪيائين.

❖

تيلهيءَ ۾ ڏئي پَٽُ.
قوتو بينا تا ڪَڍنِ.
تنگِ اَچِي آهيون وِيا،
ڏاڍو ڪيو ٿَنِ رٽُ.
قوتو بينا تا ڪَڍنِ.
ڪيئن ڪَيون، ڪاڏي وجون؟
رهيو ساهه نہ سٽُ.
قوتو بينا تا ڪَڍنِ.
مسڪينن کي ائن ڏبو،
آهي ڇا آٽتُ؟
قوتو بينا تا ڪَڍنِ.

❖

فونِ تي تون ڳالهاءِ.
راشَنُ مِلندءِ انڻ مَيو.
هيءَ جا تنهنجي ڏيءَ آ،
بنگلي تي پهچاءِ.
راشَنُ مِلندءِ انڻ مَيو.
توکي نهرائي ڏِيبِي،
تنهنجي ڏَهِيَلَ جاءِ.
راشَنُ مِلندءِ انڻ مَيو.
پيسو، ڏوڪڙ هر شيءِ،
هوندي تنهنجي لاءِ.
راشَنُ مِلندءِ انڻ مَيو.
جيئن چوان ٿو تيئن ڪر،
رَکجُ اها دلجاءِ.
راشَنُ مِلندءِ انڻ مَيو.

❖

عزت لُٽِيائونسِ.
راشنَ جو ڏئي آسرو.
ڪُتن وانگي هُن سَندو،
جويَنُ چِٽِيائُونسِ.
راشنَ جو ڏئي آسرو.
واري واري سان پئي،
هُن کي پِٽيائُونسِ.
راشنَ جو ڏئي آسرو.
رَڙين، ڪُوڪُنِ، دانهَن تي،
گهوگهي گهُٽيائُونسِ.
راشنَ جو ڏئي آسرو.
جڏهين وئي بيهوشُ ٿي،
تڏهين ڇڏيائُونسِ.
راشنَ جو ڏئي آسرو.

❖

ٻيڙي ناهِ مِلي.
چِتِ تي رکيو لاشُ آ.
ڪفن بدران ويڙهيلَ،
اُنَ کي آهِ رِلي.
چِتِ تي رکيو لاشُ آ.
ڏهہ ڦوٽ پاڻي چؤطرف،
ڪانهي ڪا ٻہ ڳلي.
چِتِ تي رکيو لاشُ آ.
وَسَ وارنِ تائين پُڄي،
منهنجي دانهَن دِلي.
چِتِ تي رکيو لاشُ آ.

❖

بابا او بابا!
ڏاڍي بُک آهي لڳي.
ڪالهاڪُرُ اُلٽي بہ آ،
ڦيرِي ۽ ٽاٻا.
ڏاڍي بُک آهي لڳي.
ماني ناهي جيڪڏهن،
آٽي ڏي پاپا.
ڏاڍي بُک آهي لڳي.
هاڻ هلن هي ڪين ٽا،
چانور پاروٽا.
ڏاڍي بُک آهي لڳي.
ڪيڏڻ لاءِ نہ ٽي گهُران،
گڏيون، رانديڪا.
ڏاڍي بُک آهي لڳي.

❖

ڪلهہ ڪان بُکيا هُون،
سارَ لهي ڪو ڪونہ ٿو.
خيمي ۾ راشن سِوا،
پَٽَ تي لُڇيا هُون.
سارَ لهي ڪو ڪونہ ٿو.
خُوش خُوش هئاسين ڳوٺَ ۾،
هِتڙي ڏکيا هُون.
سارَ لهي ڪو ڪونہ ٿو.
پاڻي پيون ٿا ٻوڏِ جو،
ايڏا اُجيا هُون.
سارَ لهي ڪو ڪونہ ٿو.

❖

مُنهنجي منڙي ماءُ.

مون کي ننڊَ نہ ٿي اچي.

مُنهنجن مارن سان ٿيو،

آهي هيءُ انياءَ.

مون کي ننڊَ نہ ٿي اچي.

ڪيڏي آهي بي حَسِي،

ڪَهَل نہ ڪو ڪهڪاءُ.

مون کي ننڊَ نہ ٿي اچي.

پنهنجن پنهنجن کي ڏِنو،

گهِرو آهي گهاءُ.

مون کي ننڊَ نہ ٿي اچي.

سڀ ڪجهہ تن جو ويو لُڙهي،

بَچِيو نہ اَٽي پاءُ.

مون کي ننڊَ نہ ٿي اچي.

❖

نيڻ وھائن نارَ.
حالَتِ آ ڪئمپَن اندر.
ڳوڙھا رُڪجن ئي نہ ٿا،
روئان زارو زار،
حالَتِ آ ڪئمپَن اندر.
پوڙھا پَڪا، جُوان ءِ،
تَڙپَنِ پيا ٿا ٻارَ.
حالَتِ آ ڪئمپَن اندر.
بيمارِيُن آ ڪَرُ ڪنيو،
لِيلائن لاچارَ.
حالَتِ آ، ڪئمپَن اندر.
ھيءُ لقاءُ ڏِسي ڪري،
دلِ چئي ڪَيِجَنِ پارَ.
حالَتِ آ ڪئمپَن اندر.
❖

گهوڙا ڙي گهوڙا.
مُنهنجي سنڌ لُڙهي ويئي.
وَستيُون، واهَڻ شهرَ سَڀُ
ٻوڙها ئي ٻوڙها.
مُنهنجي سنڌ لُڙهي ويئي.
هاءِ! ٻُڏي ويا ٻوڏِ ۾،
ٻارُ، جوان، پوڙها.
مُنهنجي سنڌ لُڙهي ويئي.
مارُو، مُنهنجي مُلڪ جا،
سُورَ ڪيا سوڙها.
مُنهنجي سنڌ لُڙهي ويئي.
دانهون ديس جي درد جون،
ڪونہَ ٻُڌن ٻوڙا.
مُنهنجي سنڌ لُڙهي ويئي.

❖

سُڏ ڪائي سُڏڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
ميهڙ، جوهِي، خيرپور،
دادوءَ ۾ ڏڏِڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
واهڙُ، ٺِلٺِي، ڪرمپور،
پانُنِ ۾ پُٽڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
راڻيپور، محراپپور،
وارهِ ڪي ڪُتڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
ڪَڪَڙ، جهُڏو، بَدِينِ ۾،
جاتيءَ ۾ جهجهڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
نوشهرو، مورو، ٺٽو،
گوڙِ ڪنوڻِ ڪڙڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.

باجارن، جهانگارن ۾،
ڳاج سندا ڳڙڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
سِر نالي جون ڇوليون،
دانهون ۽ ڀِٽڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
ڳاجي کُهاوڙ، خانپور،
ڦُلجيءَ ۾ ڦَٽِڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
آئي جا امدادَ سا،
ڪائي ويا ڄَرِڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
ڪيٽيءَ ڪان ڪشمور تاءِ،
مينهن سندا ڇِڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.
ٻوڙي ساري سنڌُ کي،
پيئن ٿا وُڏڪا.
مُنهنجي سنڌُ ٻُڏِي ويئِي.

❖

ڪنهن جو جانيِ ياءُ!

لوڙهي، ٻوڙي ٻوڏِ وَئِي.

ماڻهو بينا بندَ تي،

ڏِسنِ هِيءُ لقاءُ.

لوڙهي، ٻوڙي ٻوڏِ وَئِي.

ڪَنهن جو وَرُ، ڪنهن جي وَني،

ڪنهن جي جيجل ماءُ.

لوڙهي، ٻوڙي ٻوڏِ وَئِي.

زَر، زيور، گهر گهات ۾،

ڪنهن جو شرمُ حياءُ.

لوڙهي، ٻوڙي ٻوڏِ وَئِي.

❖

حالتِ هيءَ ڏسي،
مون کي روئڻ تو اچي.
پَٽَ تي پيا آهن سُتا،
مُنهن ۾ ڌوڙِ مِٽي.
مون کي روئڻ تو اچي.
خيمو، مڇرداني، نہ ئي،
تِن وٽ آهِ رِلي.
مون کي روئڻ تو اچي.
کائن بُکئي پيٽَ ۾،
کاڌو روز پِني.
مون کي روئڻ تو اچي.
آئي جا امدادَ سا،
تِن کي ناهِ ملي.
مون کي روئڻ تو اچي.
اومولا! ڪجهہ رحمُ ڪَرِ،
پوندو هانءُ ڇِڃي.
مون کي روئڻ تو اچي.

❖

ڳوٺن شهرن جا.
رستا سارا وِيا لُڙهِي.
جوهِي، ميهڙ، خيرپور،
دادُو، ڀاڻن جا.
رستا سارا وِيا لُڙهِي.
جهُريل مُنهن جا جهنگ جهر،
ٻيلن، پَتَڻَن جا.
رستا سارا وِيا لُڙهِي.
ڪانءَ ٻَچِي ڪا واٽ آ،
ٻارن ٻَنِيَن جا.
رستا سارا وِيا لُڙهِي.

❖

مارُن هيٺا حالَ.
دل روئي تي رتُ ڦُڙا.
بندَن تي ٻارين ٻَچين،
بيوسِ ۽ بيحالَ.
دل روئي تي رتُ ڦُڙا.
ڀِنَندي پيو سيئِي ڏِسان،
جيڪي هئا خوشحال.
دل روئي تي رتُ ڦُڙا.
سُکيا ماڻهو سنڌ جا،
ٻُکيا اڄ بدحالَ.
دل روئي تي رتُ ڦُڙا.

❖

ڀِهراڙيون ٻُڏيون.
جلَ ٿَل ٿي وئي سنڌڙي.
سُڏڪا سُڏڪا ساهَ ۾،
رتُ روئن اَکِيُون.
جلَ ٿَل ٿي وئي سنڌڙي.
شهرن ۾ ڪاهي پيون،
ڄڻ ڪيئي نَندِيُون.
جلَ ٿَل ٿي وئي سنڌڙي.
لاڳيتو هي اهڙيون،
برساتيون وَسِيُون.
جلَ ٿَل ٿي وئي سنڌڙي.

❖

بُک ۽ بِيمارِي.
روزُ مرنِ ماڻهو پيا.
گيسٽرو واري وَبا،
۽ ڪامڻ ڪارِي.
روزُ مرنِ ماڻهو پيا.
ڊينگي بخار، مليريا،
جا وارَ بہ جارِي.
روزُ مرنِ ماڻهو پيا.
ڪيمپ واري زندگي،
موتُ مَٿان مارِي.
روزُ مرنِ ماڻهو پيا.

❖

آيو جو آگمُ.
سنڌُ سموري سُور ۾.
هيلَ وُنو اهڙو صفا،
اکيُون ٿي ويُون نَمُ.
سنڌُ سموري سُور ۾.
ڇتِيُون، پِتِيُون پيون ڊَهِي،
مارُن ۾ ماتمُ.
سنڌُ سموري سُور ۾.
لال لُڙهي ويا ڪيترا،
گهيري ويو آ غَمُ.
سنڌُ سموري سُور ۾.
گونجي پيو هر گامَ ۾،
سُڏڪن جو سرگمُ.
سنڌُ سموري سُور ۾.

❖

قٽيون ڪَڍي ۽ ڏنگَ.
نِڪري آيا نانگَ هن.
قِسمين قِسمين جا وِچُون،
واسينگَن جا ونگَ.
نِڪري آيا نانگَ هن.
هڪ تہ ٻُڍاسين ٻوڍِ ۾،
ٻيو هي زهري زَنگ.
نِڪري آيا نانگَ هن.
جاڏي ڪاڏي ٿو ڏِسان،
روپ نرالا رنگَ.
نِڪري آيا نانگَ هن.
وينا آهيون واٽَ تي،
وَٺِيُون پنهنجا ننگَ.
نِڪري آيا نانگَ هن.
مالِڪ! مارُن مالَ تي،
ڏنڌوڙين جا ڏِنگَ.
نِڪري آيا نانگَ هن.

❖

نانگ جي ڪَڪئي جي.
ناهي سُئي اسپتال ۾.
رات ڪان پئجن رُوڙِيون،
پيٽَ جي بُڪئي جي.
ناهي سُئي اسپتال ۾.
تڙپي پيو تڪليفَ ۾،
ڏيهہ جي ڏُڪئي جي.
ناهي سُئي اسپتال ۾.
مُقدرُ مارايو وِجهي،
* لوح جي لڪئي جي.
ناهي سُئي اسپتال ۾.

❖

* لوح= لوح قلم، لوح محفوظ

لاشَ مِلنِ تا پيا.
جيئن جيئن پاڻي ٿو لَهي.
نِڪريو اچن ٿا اوچتو،
نانگَ ڏنگنِ ٿا پيا.
جيئن جيئن پاڻي ٿو لَهي.
نَعشُ گهرَنِ اندر پِيَلَ،
ڪُتا پَٽنِ ٿا پيا.
جيئن جيئن پاڻي ٿو لَهي.
مُنهن ڪڍيو بيمارين،
ماڻهو مرنِ ٿا پيا.
جيئن جيئن پاڻي ٿو لَهي.

❖

لوڙيندا سين سالَ.
آيلَ هن عذاب ۾.
ڪانہ رهي ڪا چيزَ آ،
ٿي وياسين ڪنگالَ.
آيلَ هن عذاب ۾.
جو ڪجهہ هو سو ويو لُڙهي،
ماڻهو وِيا ۽ مالَ.
آيلَ هن عذاب ۾.
سارَ لَڌي ڪنهن ڪينڪي،
آهيُون ڪهڙي حال؟
آيلَ هن عذاب ۾.

❖

ڪيڏي تِنهڻ اُس.
وينا ڪٿُون اُپيون ڪري.
ماني پاٽيءَ لئہ لُڇَنِ،
بندَ تي هي بيوسِ.
وينا ڪٿُون اُپيون ڪري.
شهرُ سمورو ويو لڙهي،
گهرَ رهيا نا گس.
وينا ڪٿُون اُپيون ڪري.
ڏينهن جو گرمي، رات جو،
مڇرن جي سُس پُس.
وينا ڪٿُون اُپيون ڪري.
خِيمَنِ ۽ خوراڪَ لئہ،
آهِ هِتي هَٿَ ڪسَ.
وينا ڪٿُون اُپيون ڪري.

❖

ڏاڍِ ۽ ڏاڍايُون.
آخر رهنديُون ڪيترو؟
مالَ، هَڏن ۽ ڍونڍَ تي،
ويڙهه، اُونايُون.
آخر رهنديُون ڪيترو؟
پيسي تي ايڏي مَڇي،
هي جي اَرِڏايُون.
آخر رهنديُون ڪيترو؟
ربَّ وٽ دير ضرور آ،
هي ڏوهه، ڏنگايون.
آخر رهنديُون ڪيترو؟

❖

کيمپ جي اندر.
ڪابہ سَهولَت ڪانہَ آ.
سرڪاري اسپتالَ ۾،
ڏاڍو آهِ حشر.
ڪابہ سَهولَت ڪانہَ آ.
ٿاڀا، ٽيلها ۽ ڏڪا،
ٻڏيا هِنِ مقدر.
ڪابہ سَهولَت ڪانہَ آ.
جادو واري شَهَرَ جا،
رستا سڀُ ڪنڌر.
ڪابہ سَهولَت ڪانہَ آ.
چوڌاري حَدَ دَخليُون،
اُٿلن روز گٽر.
ڪابہ سَهولَت ڪانہَ آ.
ڪانہ لپي لائيٽ تي،
گئس بہ لو پريشر.
ڪابہ سَهولَت ڪانہَ آ.

❖

پاڻي ڪيڙرايو.
ڪُجھ بہ ٻيو گھُرجي نہ ٿو.
ميڙن وارو اسپري،
جَلدي ڪَرِرايو.
ڪُجھ بہ ٻيو گھُرجي نہ ٿو.
جيڪي آهن ڪَٺَ لڳَلَ،
سارا ٻَڏِرايو.
ڪُجھ بہ ٻيو گھُرجي نہ ٿو.
بجلي، پاڻي، گئس ۽،
گاڏيون هلرايو.
ڪُجھ بہ ٻيو گھُرجي نہ ٿو.
نالي الله رسول جي،
ڇوٽا پنرايو؟
ڪُجھ بہ ٻيو گھُرجي نہ ٿو.
موٽي وجبو ماڳَ تي،
ڇوٽا گھبرايو!؟
ڪُجھ بہ ٻيو گھُرجي نہ ٿو.

❖

هڪُ نَنڍڙو نينگرُ،
ترڪ لَتاڙيُون وَئِي هَلِي.
ٻوڏِ منجهان آيو بچي،
هاءِ! اُهو ڪونڌرُ،
ترڪ لَتاڙيُون وَئِي هَلِي.
ٻاڪاري تي ماءُ پئي،
ڦاٽي ٿو اندرُ،
ترڪ لَتاڙيُون وَئِي هَلِي.
دادُ نہ ڪو فريادُ ٿيو،
ڇورو ڇِنو ڇوڪرُ،
ترڪ لَتاڙيُون وَئِي هَلِي.

❖

جوهِيءَ جا جوڌا.
جَسُ اوهان جي جوشَ کي.
هيڏي ساري ٻوڏِ کي،
کوڙ ايوَ ڳوڌا.
جَسُ اوهان جي جوشَ کي.
بيشڪ مُنهنجي ديسَ جا،
آهيو سَڀُ دودا.
جَسُ اوهان جي جوشَ کي.
ڪينڪي هاريُوَ حوصلو،
آيا ڪَئِي لوڌا.
جَسُ اوهان جي جوشَ کي.
پاڻُ ملهايُوَ مُڙسُ تي،
سِرَ جا هُئا سودا.
جَسُ اوهان جي جوشَ کي.

❖

جيڪو هو آيو.
وِڪجي ويو سامانُ سَڀُ.
ماڻهن کي مليو نہ آ،
عامَ اِهو رايو.
وِڪجي ويو سامانُ سَڀُ.
ڪَنَ ۾ ڪُراڙي ڪالهہ هو،
سُڏڪي سمجهايو.
وِڪجي ويو سامانُ سَڀُ.
سرمائيدارن وري،
لُٽيو سرمايو.
وِڪجي ويو سامانُ سَڀُ.

❖

ڱُم ٿي ويو ٿَسِ ٻارُ.
ماءُ رڙي پئي راتِ ڪان.
ڪاٿي هُوندو هن مَهل،
مُنهنجو هِيرن هارُ.
ماءُ رڙي پئي راتِ ڪان.
ننڊ نہ ڪو آرام ٿَسِ،
هڪُ سئوچار ٻُخارُ.
ماءُ رڙي پئي راتِ ڪان.
ڪينَ آهي ڪاٿان پيو،
هُنَ جو پتو پارُ.
ماءُ رڙي پئي راتِ ڪان.
ڇا بہ ڪري ڳولي ڏِيو،
مُنهنجو نيٽن ٺارُ.
ماءُ رڙي پئي راتِ ڪان.

❖

ٻولي ٿو ٻيجل.
سنڌ گھُري ٿي سِرَ وري.
هڻ هڻ پنهنجن جي هٿان،
جھُريل آ جيجل.
سنڌ گھُري ٿي سِرَ وري.
شورَ شرابا،سازشون،
وک وک تي مقتل.
سنڌ گھُري ٿي سِرَ وري.
سوچن تي پابنديون،
هرڪا دل، گھايل.
سنڌ گھُري ٿي سِرَ وري.
وائن جي وَيُون وَر چڙهي،
بختاورِ ڀاڳُهل.
سنڌ گھُري ٿي سِرَ وري.
نڪري پئو هٿ ۾ کڻي،
حق سچ جي مشعل.
سنڌ گھُري ٿي سِرَ وري.

❖

راتِ جو اوچتو.
* سُپرِيو جَو ٽُٽو.
ڳوٺَ لوڙهي وَيو.
گوڙِ گجگوڙ سان،
مِينھُن اھڙو وُٺو.
ڳوٺَ لوڙهي وَيو.
ايڏو پاڻِيءَ جو،
تيزُ ھو وَھڪُرو.
ڳوٺَ لوڙهي وَيو.
ٿَر سَجي تي اچي،
قَھرُ جَڻُ ڪَڙڪِيو.
ڳوٺَ لوڙهي وَيو.

❖

* سُپرِيو= سُپريو بند تعلقو ميھڙ

لُڙڪَنِ جون لارُون،
آهُون اُوڇگارُون.
ڳوٺُ ٻُڏِي وِيو ٻوڏِ ۾.
چينُ ڦِٽَلُ چئنِي طرف،
ڪُوڪُون * ڪِيهارُون.
ڳوٺُ ٻُڏِي وِيو ٻوڏِ ۾.
هَرِ ماڻهوءَ جو هِينئڙو،
ڦارُون ئِي ڦاروُن.
ڳوٺُ ٻُڏِي وِيو ٻوڏِ ۾.
سُکَ سارا هَليا وِيا،
ڏُکَ ڪَڍِيُون ڌارُون.
ڳوٺُ ٻُڏِي وِيو ٻوڏِ ۾.
دردَ، ٻُکون، بيماريون،
ناهِ دَوا دارُون.
ڳوٺُ ٻُڏِي وِيو ٻوڏِ ۾.

❖

* ڪيهارون= ڪيهون، ڪيهاٽ.

وستِيوُن سَڀ وِيرانُ،
شَهَر ٿِيا سُنسانُ.
ٻوڙي ڇڏيا ٻوڏِ سَڀ.
چوڌاري پاڻي رُڳو،
مَسجِد، قبرستانُ.
ٻوڙي ڇڏيا ٻوڏِ سَڀ.
گهَرَ ڊَهي پَٽُ ٿي ويا،
رهيو ڪونہَ نِشانُ.
ٻوڙي ڇڏيا ٻوڏِ سَڀ.
آڪيرا، اِنسانيَتَ،
گُندِي ۾ گُذِرانُ.
ٻوڙي ڇڏيا ٻوڏِ سَڀ.

❖

سِنڌُ سڄي سارِي،
جِيجلِ ويچارِي.
وَر چڙهي وَئي ٻوڏِ جي.
ٽرڪ، ٽرالي، ٽِريڪٽرُ،
ڪوچُ ۽ بس لارِي.
وَر چڙهي وَئي ٻوڏِ جي.
ڳاجي ڳُھاوَڙ ڪان وني،
وَرُ، گھوڙا ٻاري.
وَر چڙهي وَئي ٻوڏِ جي.
جَلدُ سندس شادي هُئي،
سا، سُندرُ نارِي.
وَر چڙهي وَئي ٻوڏِ جي.
هيڏو پاڻي * حَمَلَ جو،
ڏَرتي چوڏاري.
وَر چڙهي وَئي ٻوڏِ جي.

❖

حَمَلَ= حَمل ڍنڍ، ضلعو قمبر شهدادڪوٽ

سِنڌُ رُڳو ئِي سُور.
پِيڙائون ۽ پُورَ.
نِنڊ نہ آهي نُور سان.
ڪيڏا آهِنِ ڌِي پيا،
ماروئڙا مجبُورَ.
نِنڊ نہ آهي نُور سان.
ڳَهَٽجَن ڪين عَذاب ڌا،
سُور ٿيا ناسُور.
نِنڊ نہ آهي نُور سان.
روزُ نئين آ ڪربلا،
روزُ نوان عاشُورَ.
نِنڊ نہ آهي نُور سان.

❖

گهَر، سَرَ، ڪانهَن، لَئِي،
ٻوڙي ٻوڏِ وَئِي.
ڪائِي شيءِ ناهي بَچِي.
سِندُ سان سَسُئي وانگِيان،
”جَتنِ جاڙَ ڪئِي“
ڪائِي شيءِ ناهي بَچِي.
ڪَڙڪِي ڪوهِستان ڪان،
ٿَهري قِيامَ پَئِي.
ڪائِي شيءِ ناهي بَچِي.
لُڙهيون ساريون حسرتون،
ٿِي وِيا خواب رَئِي.
ڪائِي شيءِ ناهي بَچِي.

❖

ٻوڏ متاثر ٻارُ.
روئي زارو زارُ.
کيرُ سُڪي ويو ماءُ جو.
پاهُ ٻُڪنِ ۾ تي وئي،
ويتر تيزُ ٻُخارُ.
کيرُ سُڪي ويو ماءُ جو.
سِيزرَ ڄاول ٻارڙو،
مڇرن جو آزارُ.
کيرُ سُڪي ويو ماءُ جو.
تڙپي پئي تي مامتا،
ڦُتِڪي نيڻن نارُ.
کيرُ سُڪي ويو ماءُ جو.
ڪئن ڪَري، ڪنهن کي چوي،
ڏاڍو ڏيهہَ ڏُڪارُ.
کيرُ سُڪي ويو ماءُ جو.

❖

سُک سان ڪِينَ سُمهان.
هرهرننڊَ مَنجهان.
چِرڪَ پَري اُٿيو پوان.
پاڻي ئي پاڻي رُڳو،
لُڙهندي لاشَ ڏِسان.
چِرڪَ پَري اُٿيو پوان.
ٻُک مان دانهون ٻارُ جون،
آٿيان ڪيرُ ڪِٿان!؟
چِرڪَ پَري اُٿيو پوان.
هينيان هيڏِي ٻوڏِ ۾،
آيو مِينُهن مَٿان.
چِرڪَ پَري اُٿيو پوان.
رُوٽيون چَندَڻِ بندَ ڪي،
سَتِين شاخَ وَٽان.
چِرڪَ پَري اُٿيو پوان.
ذِهنُ تيو مفلوجُ آ،
ڪنهن جا دردَ لِڪان؟
چِرڪَ پَري اُٿيو پوان.

❖

جوهيءَ جون اَڊِيُون.
يادِ ڪندي صديُون.
سنڌ اوهان جو حوصلو.
ياٸرن سان رِنگ بندَ تي،
پينر پي ڪَنيُون.
ياد ڪندي صديون.
سنڌ اوهان جو حوصلو.
ٿُوٸا، لڪڙا، ڪوڏُرُون،
تَڏِيُون ڪٽي پُڳيون.
ياد ڪندي صديون.
سنڌ اوهان جو حوصلو.
بند ڪرڻ لٸ روٽيون،
پاٽيءَ ۾ لٽيون.
ياد ڪندي صديون.
سنڌ اوهان جو حوصلو.

ڀَرِيِنِ ٻيٺيون پاڇڪا،
نڊيون ۽ وڏيون.
ياد ڪندي صديون.
سنڌ اوهان جو حوصلو.
راتو ڏينهان چوڪسي،
ڏينديون هي رهيون.
ياد ڪندي صديون.
سنڌ اوهان جو حوصلو.

❖

اَڪِ ٿي وَئِي آلِي.
حالُ ڏسي ڪئمپن سندو.
پيٽ لئہ پاڻي نہ آ،
بُکَ ۽ بدحالِي.
اڪ ٿي وئي آلِي.
حالُ ڏسي ڪئمپن سندو.
جيڪي ڪالهہ امير هُئا،
اڄ خالِي خالِي.
اڪ ٿي وئي آلِي.
حالُ ڏسي ڪئمپن سندو.
اَٽو، لَٽو ۽ اجهو،
سڀُ خواب خيالِي.
اڪ ٿي وئي آلِي.
حالُ ڏسي ڪئمپن سندو.
آهنَ اِنهيءَ آسَ ۾،
اِيندي خوشحالِي.
اڪ ٿي وئي آلِي.
حالُ ڏسي ڪئمپن سندو.

❖

سُڏڪا سُڏڪا تي.
ساري مُنهنجي سنڌڙي.
سوچُون، صَدِما، ڳٽِيُون،
اُلڪا اُلڪا تِي.
سُڏڪا سُڏڪا تي.
ساري مُنهنجي سنڌڙي.
واهڻ، وستيون ويون ڏَهِي،
پُرزا پُرزا تي.
سُڏڪا سُڏڪا تي.
ساري مُنهنجي سنڌڙي.
ڪيڏا قَهر ڪلُورَ ويا،
برپا برپا تي.
سُڏڪا سُڏڪا تي.
ساري مُنهنجي سنڌڙي.

❖

آئي جا امدادَ.
تَنهن کي ڪَٿ لڳي ويا.
قهر ڏِسو ۽ ڪِيس هِي،
ظُلم ڏِسو بغدادَ.
آئي جا امدادَ.
تَنهِن کي ڪَٿ لڳي ويا.
دانهن ڏِجي ڪنهن کي وجي،
ڪاٿي ڪجنِ فرياد.
آئي جا امدادَ.
تَنهِن کي ڪَٿ لڳي ويا.
پَرِيَلَ کي پيا ٿا پرنِ،
فرعوني اولادَ.
آئي جا امدادَ.
تَنهِن کي ڪَٿ لڳي ويا.
ياڳيا ڳڏيا چور سان،
ساڏ ٿِيا صيادَ.
آئي جا امدادَ.
تَنهِن کي ڪَٿ لڳي ويا.

❖

هيلوڪي برساتِ.
قهرَ ڪيرايا سنڌُ تي.
ٻوڙهن ۾ ويئي ٻَري،
دل جي هر هڪ باتِ
هيلوڪي برساتِ.
قهرَ ڪيرايا سنڌُ تي.
چوماسو آيو ڪٽي،
سورن جي سوغاتِ.
هيلوڪي برساتِ.
قهرَ ڪيرايا سنڌُ تي.
جهُڳيون، جهوپا، ڪوٺَ ۽،
ڪو نہ بِچيا باغاتِ.
هيلوڪي برساتِ.
قهرَ ڪيرايا سنڌُ تي.

❖

ٻارڙي دَمُ ڏِنو.
ماءُ جي هنجَ ۾.
هاسپيٽل اندر،
ڦهرُ ڪيڏو ڪِنو.
ٻارڙي دَمُ ڏِنو.
ماءُ جي هنجَ ۾.
ڪانہ مليَس دَوا،
هوجو ڇورو ڇِنو.
ٻارڙي دَمُ ڏِنو.
ماءُ جي هنجَ ۾.
رڙيُون رينهون ڪري،
هوتہ ممتا رُنو.
ٻارڙي دَمُ ڏِنو.
ماءُ جي هنجَ ۾.

❖

هنڌان هنڌان ڇِهيرَ.
جيجل! مُنهنجي جيءَ کي.
پُٺِ ۾ هِن پنهنجن هنيا،
پالا پٽڇُون تيرَ.
هنڌان هنڌان ڇِهيرَ.
جيجل! مُنهنجي جيءَ کي.
جيئن ڪُڪَڙُ کي ڪا ڏِيجي،
تيزُ ڇُريءَ سان سِيرَ.
هنڌان هنڌان ڇهيرَ.
جيجل! مُنهنجي جيءَ کي.
ٻيڙي ٻوڙي ٻوڏِ وئي،
پوڄيم گهٽئي پيرَ.
هنڌان هنڌان ڇِهيرَ.
جيجل! مُنهنجي جيءَ کي.

❖

هِن واري، هِن مِينهَن.
گهر ٻَر ڊاهي پَٽَ ڪَيا.
روئندي گُذِرَنِ راتيون،
ڏُڪندي گُذِرَنِ ڏِينهَن.
هِن واري، هِن مِينهَن.
گهر ٻَر ڊاهي پَٽَ ڪَيا.
ڪَڪَر ڏسي هاٽي ڊِڄُون،
اڳُ تہ هياسين شِينهُن.
هِن واري، هِن مِينهَن.
گهر ٻَر ڊاهي پَٽَ ڪَيا.
هاءِ ٽُٽي ٽُڪرا ٿيا،
نندپڻ وارا نِينهَن.
هِن واري، هِن مِينهَن.
گهر ٻَر ڊاهي پَٽَ ڪَيا.

❖

سنڌُ ڏِسي ٿي پئي.
روزُ نئون هِڪ سانِحو.
گهاوَ مٿان نئون گهاءُ ٿسِ،
تڙپي لُڇي ٿي پئي.
سنڌُ ڏِسي ٿي پئي.
روزُ نئون هِڪ سانِحو.
صوفياڻي هيءَ سنڌڙي،
سُورَ سهي ٿي پئي.
سنڌُ ڏِسي ٿي پئي.
روزُ نئون هِڪ سانِحو.
ظُلم صفا بغدادُ آ،
دانهون ڪري ٿي پئي.
سنڌُ ڏِسي ٿي پئي.
روزُ نئون هِڪ سانِحو.
بيڏوها ۽ بي ڪفنُ،
لاشَ ڪٽي ٿي پئي.
سنڌُ ڏِسي ٿي پئي.
روزُ نئون هِڪ سانِحو.

❖

موٽي وينداسين.
پاٽي ڪيرائي ڏِيو.
پنهنجو گهر، پنهنجو اجهو،
ٿاهي رهنداسين.
موٽي وينداسين.
پاٽي ڪيرائي ڏِيو.
ڪون ڪپي امداد تي،
بُک تي ويهنداسين.
موٽي وينداسين.
پاٽي ڪيرائي ڏِيو.
محنت مزدوري ڪري،
پيٽُ پالينداسين.
موٽي وينداسين.
پاٽي ڪيرائي ڏِيو.

❖

## مرڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان
## ڇپيل شعري مجموعا

- برکا بوند بهار جي (ڳڌيل 16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) رتب: مرتضيٰ لغاري
- نئون نئون مڌ آ (ڳڌيل16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) مرتب: مرتضيٰ لغاري
- ڪڏهن تہ ملندي (شاعري) سرڪش ناريجو
- ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾ (شاعري) انجم قاضي
- دردن ڦولاريا ڦول (شاعري) وفا صالح راڄپر
- رهيل چار ڳوڙها (شاعري) استاد پيرل قمبر
- روهيڙي جا رتا گُل (ڳڌيل 17 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) مرتب: مرتضيٰ لغاري
- ادب آبِ حيات (ڳڌيل شاعري) مرتب: بلال تبسم
- جن عشق سين آگاهہ ”ڄ ع منگهاڻي ڪي منظوم پيتا“ شاعري، درد هوش محمد ابڙو
- درد نگر جا ماڻهو (شاعري) عاجز غلام رسول
- پهڻ پير پٿون ڪيا (شاعري) فرزانا شاهين
- آڪاس آ اڪين ۾ (شاعري) شبانا عالماڻي
- هانءُ هاريو متان (شاعري) شاهده ڪوکر
- ساڃاهہ جا سرچشما (ڀِٽائي جي بيتن جي چونڊ ۽ تشريح) عيد احمد چانديو
- مينهن ڪڻيون (شاعري) سڪندر هاڙهو
- ملندو نيت پنهل (شاعري) ”درد“ هوش محمد ابڙو
- اوجاڳن جا عڪس (شاعري) انجم قاضي
- نينهن جو نوحو (شاعري) فرزانا شاهين
- ٻالڪ ڌرتيءَ ٽاندا اٽا (ٻارڙن لاءِ شاعري) وحيد محسن
- هوا جو رنگ ناسي آ (شاعري) رحمت پيرزادو

احساسن جو ديس (ڳڌيل 36 شاعر) مرتب: انجم قاضي

- روشني جا رنگ: ”شهدادڪوٽ جا شاعر“ (ڳڌيل شاعري) مرتب: سڪندر هاڙهو

- گيت گونگا نہ ٿيا (شاعري) شبانہ عالماڻي
- رات وهامي ٿي (شاعري) نسرين الطاف
- ڏُک کي ڏُک آ (شاعري) وسيم گبول
- Shah Jo Risalo Transleted By: Dr. Ali Akbar Dhakan
- سنيهو سچ جو (شاعري) منور علي منور کيهر
- ديوان وريام فقير (شاعري) وريام فقير شيخ
- وفائون ماٺ تي ويون (شاعري) شبانہ نواز
- آسرا جاڳي پيا (شاعري) عبد سنڌي
- سونهن جو رد عمل (چونڊ غزل) مرتب: رحمت پيرزادو
- آهين تون هن پار (شاعري) شاهده کوکر
- لهر لهر خوشبو (شاعري) آڪاش ميراڻي
- اعتراض (شاعري) بيخود بلوچ
- پيڙا جي پاتار ۾ (شاعري) خالده نسرين
- کونج قطارون ڏات جون (گڏيل شاعري) کونج بلوچ
- نظم جدائي جا (اڪبر کرل جي شاعري) مرتب: نادر دايو
- ريزا ريزا روح اسان جو (شاعري) بشير سيتائي
- جهونڪو هوا جو آهيان (شاعري) عاجز عاشق تنيو
- نينهن نجات نعت صفات (شاعري) سگهڙوريام فقير
- عشق جي عنايت (سگهڙ علي گوهر وڳڻ جو ڪلام) مرتب: ڊاڪمال چامڙو
- ڳولا (شاعري ۽ ڪالم) منور سلطانہ
- محبتون پيالا ۽ پئمانا (تاثير ناتن شاهي جي شاعري) مرتب: ذوالفقار گاڏهي
- تون ئي منهنجو محور آن (شاعري) بينا مسرور
- ڪنهن موڙ تي ملنداسين (شاعري) عظيم جلباڻي
- ڪورونا جنگ جهڙي آ (شاعري) وحيد محسن
- آزاديءَ جي عشق ۾ (شاعري) ”ناشاد“ رشيد سنڌي
- چنڊ مٿي آڪاس (شاعري) خالده نسرين
- وفائن ۾ هُڳاءُ آ (شاعري) آصف اصغر پنڊ

- الف الک من ۾ (شاعري) عبد سنڌي
- سپنا منهنجي ساهہ جا (آٿم ناٿن شاهيءَ جي شاعري) هيڙ: ذوالفقار گاڏهي
- روشني آهي حسين (شاعري) شبانہ عالماڻي
- ڪاروجهر تي مور (شاعري) سليم چانڊيو
- سنڌ سموري گهايل ڇو؟ (شاعري) ارشاد سومرو
- قلبي فڪر (شاعري) قاضي غلام مصطفيٰ
- ديوانِ نسرين غزل خالده نسرين
- احساس عاشقيءَ جو (شاعري) ڪوڙل قربدار
- اکيون آرسيون (محمد علي مفتون جي شاعري) سهيڙ: ذوالفقار گاڏهي
- نرالا نوان نينهن (شاعري) اسير ڏاهري
- آرسيءَ جا عڪس (شاعري) اقبال شاهين
- ڪربلا کان ڪربلا تائين (شاعري) سرمد چانڊيو
- منهنجي سنڌ لُڙهي ويئي (وايون) علي محمد درد سولنگي

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

